ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 28 جنوري 2026ع 08 شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 وپيہ شمارو (166)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

تيراه واديءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جو فوجي آپريشن نہ ٿي رهيو آهي، برفباري سبب ماڻهن ڏيپلاڻ ڪئي آهي: خواجہ آصف

پي ٽي آءِ جي اڳوڻي حڪومت پنهنجي ناڪامين جو سڄو ملبو پاڪ فوج تي وجهڻ چاهي ٿي: وزير دفاع

تيراه وادي ۾ هن وقت بہ 500 کان وڌيڪ ٽي ٽي پي جا ماڻهو پنهنجن ڪٽنبن سان گڏ رهي رهيا آهن. جرڳي جي مشيرن ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ ٿيل ملاقاتن ڪانپوءِ 5 ارب رپيا ان لڏپلاڻ لاءِ رکيا ويا آهن

سڄي عمل ۾ پاڪ فوج ڪٿي بہ ناهي. تيراه وادي جي 12000 هزار ايڪڙن تي ڀنگ جي پوکي ٿي رهي آهي ان جو منافعو بہ ٽي ٽي پي کي ملي ٿو. دهشتگردي جي خلاف پاڪ فوج جون وڏيون قربانيون آهن

وفاقي حڪومت يا فوج جو ڪو بہ تعلق ناهي، ڪي پي حڪومت تيراه واديءَ سميت 7 وادين جي ماڻهن جي مشڪلاتن کي پنهنجي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪري

پاڪ افغان سرحد سان تيراه وادي سميت 7 واديون اهڙيون آهن جتي هر سال برفباري جي موسم ۾ ماڻهو 4 کان 5 مهينن لاءِ لڏپلاڻ ڪن ٿا ۽ هن سال بہ تيراه وادي جي ماڻهن لڏپلاڻ ڪئي آهي

تيراه واديءَ مان هجرت ۾ پاڪ فوج ڪٿي بہ ناهي، بي بنياد پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي. تيراه وادي مان ماڻهن جي لڏپلاڻ جي باري ۾ نوٽيفڪيشن ڪي پي حڪومت جو پنهنجو آهي

ضم ٿيل علائقن جي فيصلي جي واپسيءَ جي ڪا بہ تجويز غور هيٺ ناهي. ٻن ٽن سالن کان دهشتگرديءَ ۾ واڌ ٿي آهي پاڪ فوج جا جوان ۽ آفيسر شهيد ٿي رهيا آهن ۽ جهڙيءَ ريت دهشتگردن جو انگ بہ وڌي رهيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) بجاءِ واري وفاقي وزير خواجہ محمد آصف واضح ڪيو آهي تہ تيراه واديءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جو فوجي آپريشن نہ ٿي رهيو آهي اتي برفباري ۽ سخت موسم سبب ماڻهن جي لڏپلاڻ معمول جو حصو آهي جيڪو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ٿيندو پيو اچي. تيراه وادي ۾ هن وقت بہ 500 کان وڌيڪ ٽي ٽي پي جا ماڻهو پنهنجن ڪٽنبن سان گڏ رهي رهيا

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ ايف بي آر طرفان مقرر قانوني مدت کان وڌي وڃڻ ڪانپوءِ جاري ڪيل ٽيڪس آرڊرز غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيا

فوجداري ڪيسن ۾ بريت جي فيصلن کي معمول طور چئلينج نٿو ڪري سگهجي: سپريم ڪورٽ

سيلز ٽيڪس ايڪٽ 1990ع تحت شوڪاز نوٽيس کان پوءِ 120 ڏينهن اندر آرڊر پاس ڪرڻ لازمي شرط آهي جنهن جي پيچڪڙي جي صورت ۾ اهڙي ڪارروائي قانونن برقرار نٿي رهي

جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب، جسٽس نعيم افغان ۽ جسٽس شفيع صديقي تي ٻڌل 3 رڪني بينچ سي. پي. ايل. اي نمبر 2025/1990 جي ٻڌڻيءَ کان پوءِ ايف بي آر جي درخواست رد ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو

ايف بي آر طرفان هڪ ٻيهر بيهڻ ٽائي ٿيل قانوني نُڪتي کي چئلينج ڪرڻ افسوسناڪ آهي. ان سان نہ صرف عدالتن تي غيرضروري بار پوي ٿو پر عوامي وسيلا بہ ضايع ٿين ٿا. رياست کي ذميدار ڌر طور ڪيسز وڙهڻ گهرجن

اپيل داخل ڪرڻ کان اڳ آزاد ۽ بااختيار جاچ ڪميٽيون جوڙيون وڃن جن ۾ رٽائرڊ جج، سينيئر ٽيڪس ماهر ۽ تجربيڪار آفيسر شامل هجن تہ جيئن پهرين کان طئي ٿيل قانوني معاملن تي غير ضروري ڪيسن کان بچي سگهجي

تعزيرات پاڪستان جي قلم 420 تحت ڏوهہ ثابت ڪرڻ لاءِ ڌوڪو ڏيڻ ۽ ڏوهاري نيت جو شروع کان موجود هئڻ ضروري آهي جيڪو هن ڪيس ۾ ثابت ناهي ٿي سگهيو: فوجداري پٽيشن نمبر 2020/213 جي ٻڌڻي کان پوءِ درخواست رد

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) مقرر قانوني مدت کان وڌي وڃڻ ڪانپوءِ جاري ڪيل ٽيڪس آرڊرز کي غير قانوني قرار ڏيندي واضح ڪيو آهي تہ سيلز ٽيڪس ايڪٽ 1990ع تحت شوڪاز نوٽيس کان پوءِ 120 ڏينهن اندر آرڊر پاس ڪرڻ لازمي شرط آهي جنهن جي پيچڪڙي جي صورت ۾ اهڙي ڪارروائي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پارليامينٽ کي آمدني تي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جو مڪمل آئيني اختيار حاصل آهي: وفاقي آئيني عدالت

عدالت سگهوري ڪيترن ئي ڪيسن ۾ فيصلو ٻڌائيندي ڪيسن جي ٻڌڻي جوڳو هئڻ تي داخل سمورا اعتراض رد ڪري ڇڏيا

جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ قائم 3 رڪني بينچ انڪم ٽيڪس آرڊيننس جي سيڪشن 4 (بي) کي ٽيڪس سال 2015ع سان برقرار رکيو

مضاربہ، ميوچل فنڊز ۽ بينيولينٽ فنڊز تي سپر ٽيڪس لاڳو ٿئي ٿو، جڏهن تہ مختلف سيڪٽرز بابت جيڪي ڌار قانوني رعايتون موجود آهن اهي: عدالت

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت سپر ٽيڪس ۽ انڪم ٽيڪس آرڊيننس بابت ڪيترن ئي ڪيسن ۾ فيصلو ٻڌائيندي ڪيسز جي ٻڌڻي جوڳو هئڻ تي داخل سمورا اعتراض رد ڪري ڇڏيا

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ميانمار جو پرڏيهي وزير يوٿانسوي ملاقات ڪري رهيو آهي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ چين جي سفير جيانگ زائي ڊونگ جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم/

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني سان پير آف اواري شريف پير محمد صادق قريشي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر سيد

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ابوظهبي: صدر آصف علي زرداري سان متحده عرب امارات جو وزير شيخ نهيان بن مبارڪ النهيان ملاقات ڪري رهيو آهي، پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري، خاتون اول آصفہ ڀٽو بختاور ڀٽو پڻ موجود آهن

صدر سان گڏيل عرب امارات جي وزير شيخ نهيان بن مبارڪ جي ملاقات

مڪالمي جي فروغ، شموليت ۽ پرامن گڏيل بقاءَ جي اهميت تي زور ڏنو ويو

امارات جي ڪاميابي کي سماجي هم آهنگي جو هڪ متاثر ڪندڙ نمونو قرار

ابوظهبي (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان جي پائيداري ۽

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

هلندڙ مهيني ۾ مهانگائي 5 کان 6 سيڪڙو جي حد ۾ رهندي: ناڻي وزارت

ملڪي معيشت مالي سال 2026ع ۾ ترقيءَ جي رفتار برقرار رکڻ لاءِ موزون پوزيشن ۾ آهي

مالي سال جي پهرين ڇهہ ماهيءَ ۾ سمنڊ پار پاڪستانين پاران موڪليل ناڻي جو ڳاڻيٽو 19.33 ارب ڊالر رڪارڊ ڪيو ويو

پهرين ڇهہ ماهيءَ ۾ ٽون ڪمپنين جي رجسٽريشن جو ڳاڻيٽو 21671 رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ڀيٽ ۾ 28.7 سيڪڙو وڌيڪ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وزارت چيو آهي تہ ملڪي معيشت مالي سال 2026ع ۾ ترقيءَ جي رفتار برقرار رکڻ لاءِ موزون پوزيشن ۾ آهي. هلندڙ مهيني ۾ مهانگائي 5 کان 6 سيڪڙو جي حد ۾

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ مخالف ڌر جو احتجاج، عدالتي ڪميشن قائم ڪرڻ جو مطالبو

حڪومتي ڪميٽي هڪ جعلي آهي، حڪومت جي ماتحت آفيسر ڪيئن شفاف جاچ ڪرائي سگهن ٿا: علي خورشيدي

اهي ٽي ڏينهن کان هي ڊرامو ڪري رهيا آهن. اهي اسان کي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهن. انهن کي پهريان اسان کي ٻڌڻ گهرجي ۽ پوءِ پنهنجو قرارداد آڻڻ گهرجي: کهڙو وزير

ڪراچي جي ماڻهن سان جيڪو ڪيو آهي اهو ڪو غلط ڪم ناهي. لاهور مان هڪ فرانزڪ ٽيم گل پلازا جو فرانزڪ معائنو ڪري رهي آهي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ اسيمبلي جو اجلاس گل پلازا سانحي تي اپوزيشن جي سخت احتجاج سبب مختصر ڪارروائي کان پوءِ ملتوي ڪيو ويو. ايم ڪيو ايم پاڪستان جا ميمبر اسپيڪر جي ڊائس جي سامهون بيٺا رهيا ۽ نعرا لڳايا، ۽ ايوان "قاتل قاتل وزيراعليٰ قاتل" ۽ "عدالتي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

صدر سان اي ڊي پورٽس گروپ جي ايم ڊي ۽ گروپ سي اي او ڪيپٽن محمد جمعہ الشامسي جي ملاقات

بندرگاهي انفراسٽرڪچر جي توسيع ۽ جديدڪاري سان واپار وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق

صدر اي ڊي پورٽس گروپ جي ڏکڻ ايشيا واري سيڙپڪاري ۽ پاڪستان جي سامونڊي لاجسٽڪس شعبي ۾ ان جي وڌندڙ ڪردار کي ساراهيو

ملاقات ۾ خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري، پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ گڏيل عرب امارات ۾ پاڪستان جو سفير پڻ شريڪ هئا

ابوظهبي (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري سان اي ڊي پورٽس گروپ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ گروپ سي اي او ڪيپٽن محمد جمعہ الشامسي ڪالهہ آڳاري ڏينهن خيرسگالي ملاقات ڪئي. صدر اي ڊي پورٽس گروپ جي ڏکڻ ملڪي واري سيڙپڪاري ۽ پاڪستان جي سامونڊي لاجسٽڪس شعبي ۾ ان جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي فوج جا لبنان جي ڏاکڻين شهرن ۾ حملا ٽي ڄڻا مارجي ويا

تل ابيب (اي پي پي) اسرائيلي فوج ڪالهہ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

دهشتگردن خلاف ڪارروايون ملڪ ۾ امن لاءِ لازمي آهن: صدر آصف زرداري

بلوچستان ۾ دهشتگردن جي خلاف ڪامياب آپريشن تي سي ٽي ڊي کي خراج تحسين پيش

بهادرين فورسز جي جوڙ تي ملڪ جو امن تباهہ ڪندڙن کي ڪُر ڪڍڻ نہ ڏينداسين: صدر مملڪت

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بلوچستان ۾ دهشتگردن جي خلاف ڪامياب آپريشن تي سي ٽي ڊي کي خراج تحسين پيش ڪندي 10 دهشتگردن کي مارڻ تي سي ٽي ڊي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

هانگ ڪانگ: پاڪستان جو سفير خليل هاشمي پاڪستاني ثقافت ۽ عوامي زندگي بابت تصويرن جي نمائش جي افتتاحي تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

گل پلازہ سانحي جي متاثرين لاءِ رليف پيڪيج منظور، حيدرآباد ۾ واٽر سپلاءِ منصوبي لاءِ 100 ايڪڙ زمين الاٽ

فوت ٿيلن جي وارثن کي في خاندان هڪ ڪروڙ رپيا مالي امداد ۽ متاثر واپارين جي مدد لاءِ ڪابينا في دڪاندار هڪ ڪروڙ رپين تائين بنا وياج قرضن جي منظوري

في دڪاندار پنج لک رپيا فوري گذر سفر الائونس طور ڏنا ويندا جيئن گهريلو ۽ بنيادي خرچ پورا ڪري سگهن. واپارين کي پنهنجو ڪاروبار ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ ٻن مهينن اندر متبادل تجارتي جڳهون فراهم ڪيون

اسٽار گيٽ فلاءِ اوور، ملير هالٽ انڊر پاس، سهراب گوٺ فلاءِ اوور ۽ ايم-9 کان ملير ۽ مين ڪورنگي روڊ کان خيابان سعدي تائين اهم شاهراهن جي نئين سر تعمير لاءِ 19 ارب 11 ڪروڙ 60 لک رپين جي منظوري

بي آر ٽي ريڊ لائين لاءِ ملير ڊپو جي زمين جي خريداري خاطر 30 ڪروڙ رپين جي منظوري، لياري ايڪسپريس وي جي 53 متاثرن جي معاوضي جي دعوائن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪميٽي قائم

ديهہ پيلو ميانو ۾ 6 ايم جي ڊي واٽر فلٽريشن پلانٽ جي انسٽاليشن لاءِ 100 ايڪڙ ٻيلي جي زمين حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن کي الاٽ ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو/سجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت هيٺ ٿيل سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ گل پلازا سانحي جي متاثرين لاءِ وسيع رليف ۽ بحالي پيڪيج جي منظوري ڏني وئي جڏهن تہ جاچ ڪميٽي جي رپورٽ تي وڌيڪ ضروري ڪارروائي لاءِ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان پير آف لنواري شريف پير محمد صادق قريشي ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪنهن بہ جان جو ڪو مُلهہ ناهي هوندو ۽ ڪو بہ معاوضو حياتي واپس نٿو آڻي سگهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ ڪابينا گل پلازا سانحي بعد حڪومتي قدمن ۽ نقصان ازالي بابت فيصلن جي منظوري ڏني آهي

متاثر دڪاندارن کي فوري طور ڪاروبار ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ پنج پنج لک رپيا ۽ متبادل جاءِ فراهم ڪرڻ جي بہ منظوري ڏني وئي آهي

فائر آڊٽ سان گڏ عمارتن ۾ باهہ کان بچاءَ وارن قدمن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اٿارٽيءَ نظام تيار ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سنڌ ڪابينا جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جيڪو سانحي گل

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيئرمين نيب ليفٽيننٽ جنرل (ر) نظير احمد ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي وفد جي سربراهہ کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

گل پلازا جو ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪري متاثر عمارت کي سيل ڪيو ويو آهي: ميئر ڪراچي

ڪمشنر ڪراچي جي سربراهي ۾ جاچ ڪميٽي جوڙي وئي هئي واقعي جي ايف آءِ آر پڻ داخل ڪئي وئي آهي

هن سانحي مان سبق حاصل ڪندي مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا ويندا

تازين برساتن ڪانپوءِ جب ڏير مڪمل طور پرچي چڪو آهي، جب ڏير تي نئين ڪينال تعمير ڪئي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ سانحو گل پلازا جو ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي ۽ متاثر عمارت کي سيل ڪيو ويو آهي هن چيو تہ وزيراعليٰ سنڌ جي هدايتن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسان جو صاف مطالبو آهي تہ جوڊيشل ڪميشن قائم ڪيو وڃي: ڊاڪٽر فاروق ستار

ڪراچي جا ماڻهو ٻمپرن ۽ ٽرالرن هيٺ مري رهيا آهن، اسٽريٽ ڪرائيم ۾ قتل ٿي رهيا آهن

مان ڊيڍ سال کان بلاول ڀٽو کان وقت گهري رهيو آهيان، پر هو وقت ئي نٿو ڏئي

ڪراچي فرانزڪ ليب صرف هڪ عمارت آهي، اربين رپين جو منصوبو هجڻ باوجود عمارت ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار سانحي گل پلازہ جي جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن ٺاهڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي تہ وزيراعليٰ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات، گل پلازہ سانحي جي بريفنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان گورنر هائوس ۾ گورنر

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

گل پلازا باهہ وسائڻ لاءِ صرف پاڻي استعمال ٿيو باهہ وسائڻ وارو ڪيميڪل استعمال نہ ٿيو: علي خورشيدي

اسان روزانو پنهنجا مطالبا ورجائينداسين جيستائين سيڪيورٽي واپس ورتي آهي واپس وٺو

جيستائين گل پلازا جي متاثرن کي انصاف نہ ملندو تيستائين خاموش نہ ويهنداسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي سنڌ اسيمبلي جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ابوظهبي: اي ڊي پورٽس ڪمپني جو سي اي او ڪيپٽن محمد جمع الشمسي صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪندي

عمران خان سان ملاقات نہ ڪرائڻ آئين ۽ قانون جي کليل ڀڃڪڙي آهي: حليم عادل شيخ

عمران خان جي صحت بابت ايندڙ خبرن سبب سڄي قوم سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي

عمران خان کي اکين جا سنگين مسئلا درپيش آهن، جن جو جيل ۾ علاج ممڪن ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جو اهم بيان سامهون آيو آهي حليم عادل شيخ چيو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز جي صدارت ۾ ڊي اي سي جو اجلاس

سٺي حڪمراني ۽ شفافيت حڪومتي پاليسي جا بنيادي ستون آهن: معزالدين پيرزاده

آڊٽ اعتراضن جي بروقت ازالي ۽ مالي نظم و ضبط تي خاص زور ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) اطلاعات کاتي حڪومت سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز ڊاڪٽر معزالدين پيرزاده جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيف جسٽس سنڌ ۽ ميئر جو سٽي ڪورٽ جو اوچتو دورو، حادثن خلاف حڪم

چيف جسٽس سنڌ جسٽس ظفر احمد راجپوت غيرقانوني تعمير ۽ شيلٽر ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو

سيوريج سسٽم جي خراب صورتحال تي نوٽيس، اختيارين کي فوري درستگي جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت ۽ ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ اي اين پي جي ميزباني هيٺ باچا خان امن ڪانفرنس منعقد

پختون، سنڌي ۽ بلوچ قوم سان ظلم ٿي رهيو آهي، 15 سيڪڙو ماڻهو قومن جو فيصلو ڪن ٿا: ايمل ولي خان

اسان جا جمهوري حق آزاد ناهن، هن وقت ملڪ جون سياسي پارٽيون مفاهمت طرف وڃي رهيون آهن: زين شاهہ

باچا خان اخلاق، صبر، انصاف، خدمت ۽ ڪنهن بہ حالتن ۾ حق سان گڏ رهڻ وارن اصولن سان زندگي گذاري

امن ڪانفرنس کي ڊاڪٽر قادر مگسي، رياض چانڊيو، شاهي سيد، الطاف خاصخيلي، امداد چانڊيو ۽ ٻين جو خطاب

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ اي اين پي جي ميزباني هيٺ ”باچا خان امن ڪانفرنس“ پيپلز پارٽي، نواز ليگ سميت مختلف پارليامائي پارٽين ۽ قومپرست جماعتن جي قيادت جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: عوامي نيشنل پارٽي پاران ڪرايل باچا خان ڪانفرنس کي ايمل ولي خان، رضا رباني، سيد زين شاهہ، ڊاڪٽر قادر مگسي، شاهي سيد، رياض چانڊيو ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ عورت سميت 2 ڄڻا قتل

قيوم آباد ۾ ڦر دوران نوجوان ولي الله کي هٿيارٻندن گوليون هڻي قتل ڪيو

اورنگي ٽائون نمبر 10 ۾ ذاتي تڪرار دوران عورت خالده جو قتل، لاش اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ واقعن ۾ عورت سميت 2 ڄڻا قتل ٿي ويا. بلوچ ڪالوني ٿاڻي جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ميمڻ ڳوٺ ۾ تيز رفتار موٽرسائيڪل ٽڪر، ننڍڙو ٻار فوت

حادثو مگر علي شاهہ درگاهہ ويجهو پيش آيو، ٻہ موٽرسائيڪل سوار زخمي

پوليس قانوني ڪارروائي کان پوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو، وڌيڪ جاچ جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ميمڻ ڳوٺ ۾ تيز رفتار موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ هڪ ننڍڙو معصوم ٻار فوت ٿي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت سمورن ادارن تي قبضو ڪري رکيو آهي: حافظ نعيم

ڪراچي جي مسئلن جو حل نہ صوبائي ڪنٽرول ۾ آهي ۽ نہ وفاقي ڪنٽرول ۾ آهي

آمريڪا جي غلامي پاڪستان کي اڳ بہ هڪ سؤ پنجاهہ بلين ڊالرن جو نقصان پهچائي چڪي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي تہ ڪراچي جي مسئلن جو حل نہ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: منگهوپير ٽائون ۾ ڊي سي ۽ ٽائون چيئرمين جو فائر سيفٽي آڊٽ لاءِ اجلاس

فائر سيفٽي رپورٽون هڪ هفتي اندر چيف سيڪريٽري کي جمع ڪرائڻ جو حڪم

عملي تدبير، شفاف آڊٽ ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪبي: چيئرمين حاجي نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر ويسٽ ذوالفقار علي ميمڻ جي سربراهي ۾ ڊي سي آفيس ۾ فائر سيفٽي آڊٽ بابت

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جو گل پلازا سانحي تي افسوس جو اظهار، سنڌ حڪومت ذميوار قرار

هن سانحي جون تفصيلون ڇاڻي دل خون جا ڳوڙها روئي ٿي، اهڙي وڏي سانحي مهل حڪومتي اهلڪار غائب رهيا: پير پاڳارو

8 فيبروري تي ٿيل عام چونڊون پاڪستان جي تاريخ جون سڀ کان وڌيڪ متنازع چونڊون هيون

ڌانڌلي زده اسيمبلين ذريعي ڪيل هر قسم جي قانونسازي ۽ هر آئيني ترميم ناقابل قبول هوندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جي ڪور ڪميٽي گل پلازہ جي افسوسناڪ سانحي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي هن سانحي جو ذميوار سنڌ حڪومت کي قرار ڏنو آهي پير

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

گل پلازا سانحي ڪيس ۾ اڳڀرائي، ڊي اين اي ذريعي وڌيڪ 4 ميتن جي سڃاڻپ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا سانحي ڪيس ۾ وڌيڪ اهم اڳڀرائي سامهون آئي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ سماءِ جي ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشن ڊاڪٽر معيد الدين پيرزادي جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

فيبمڪ صنعتي ترقيءَ جو اهم مرڪز آهي: قيصر شيخ

حڪومت صنعتڪارن جي مسئلن جي حل لاءِ سنجيده آهي

صنعتڪارن کي درپيش عملي مشڪلاتن کان چڱيءَ ريت آگاهہ آهيون

فيصل آباد (اي پي پي) بورڊ آف انويسٽمينٽ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي تہ فيصل آباد انڊسٽريل

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پاڪستان جي معاشي شهہ رڳ آهي، امن امان حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: گورنر سنڌ

جديد نگراني ڪيمرائن جي انسٽاليشن شهرين جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ضروري آهي

پوليس جي صلاحيت وڌائڻ ۽ موثر پوليسنگ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سخت قدم کنيا پيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي تہ ڪراچي پاڪستان جي معاشي شهہ رڳ آهي ۽ شهر ۾ امن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

گل پلازا ۾ لڳندڙ باهہ واقعي ۾ فوت ٿيل ماڻهن جو انگ 74 ٿي ويو آهي: سمبع سيد

جن مان ڪجهہ اهڙيون لاشون بہ شامل آهن جن جي سڃاڻپ اڃا تائين نہ ٿي سگهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي پوليس

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

عمرڪوٽ ۾ گلو ڪپي نوجوان کي قتل ڪندڙ ڪيس ۾ هڪ جوابدار گرفتار، ڏوهہ جو اعتراف

پوليس جوابدار کي حيدرآباد صدر واري علائقي مان گرفتار ڪيو، جوابدار الهداد سميجو پنجاب وڃڻ جي تياري ۾ هو

جمال سميجو جي فرياد تي گرفتار جوابدار الهداد سميجو ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل

مائٽي تڪرار تان منهنجي پٽ اسماعيل کي درڪي سان گهرائي گلو ڪپي وحشياڻي نموني قتل ڪيو ويو: جمال سميجو

عمرڪوٽ (رپورٽ: قاضي يوسف) عمرڪوٽ جي وچ شهر ۾ گذريل رات گلو ڪپي بيدردي سان قتل نوجوان اسماعيل سميجو جي قتل ۾ ملوث هڪ جوابدار گرفتار ٿي ويو گرفتار مک جوابدار الهداد سميجو مقتول جو سؤٽ آهي گذريل ڏينهن لاش رکي ڪيل سخت احتجاج دوران ايس ايس پي عمرڪوٽ عذير ميمڻ پاران مهلت وٺڻ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي ڪچي ۾ سيڪيورٽي ادارن جو ڪامياب آپريشن، 38 ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

چوڙو ڪوش گينگ جا 21 ۽ لولائي گينگ جا 17 ڌاڙيل سيڪيورٽي ادارن آڏو سرينڊر ٿي ويا

آپريشن دوران انتهائي گهربل 24 ڌاڙيلن سميت مجموعي طور 123 ڌاڙيل هٿيار ڦٽا ڪري چڪا آهن: عرفان علي سمون

جيڪي ڏوهاري هٿيار ڦٽا ڪري تائب ٿيندا، انهن سان ڪا بہ ناانصافي نہ ڪئي ويندي

گهوٽڪي (رپورٽ: اقبال صديقي) گهوٽڪي جي ڪچي ۾ سيڪيورٽي ادارن جو وڏو ڪامياب آپريشن 38 ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا، تفصيل موجب گهوٽڪي ضلعي جي ڪچي واري علائقي ۾ ڏوهاري عنصرن خلاف جاري گڏيل آپريشن دوران سيڪيورٽي ادارن کي هڪ ٻي وڏي ڪاميابي حاصل ٿي آهي جتي وڌيڪ 38

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي: ڪچي جا ڌاڙيل ايس ايس پي رحيم يار خان عرفان سمون آڏو پيش پئي رهيا آهن

ڊاڪٽر آڪاش انصاري قتل ڪيس: پاليل پٽ کي عدالت پاران ڦاهي جي سزا

عدالت 16 جنوري تي سمورين ڌرين جا مڪمل دليل ٻڌڻ بعد فيصلو محفوظ ڪيو هيو

11 مهينن بعد عدالت آڪاش انصاري جي پاليل پٽ شاهہ لطيف کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي ڇڏي

عدالتي جي فيصلي بعد جوابدار کي بڪتر بند گاڏي ۾ وجهي سينٽرل جيل نيو ويو

حيدرآباد (رپورٽ مختيار برقت) سنڌ جي نامياري شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصار جي قتل ڪيس جو عدالت 11 مهينن بعد فيصلو ٻڌائيندي سندس پاليل پٽ کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي ڪالهہ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ سندس پاليل قاتل پٽ

ڊاڪٽر آڪاش انصاري 11 مهينا اڳ بيدردي سان قتل ڪري ساڙيو ويو هو

جوابدار لطيف شاهہ آڪاش کي قتل ڪري لاش کي ساڙي ڇڏيو هو

لطيف شاهہ قتل کي لڪائڻ لاءِ لاش کي ٻڌ بدين ڪٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي هئي

حيدرآباد: ناميارو شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري کي 11 مهينا اڳ سيٽيزن ڪالوني ۾ ڪيس بي دردي سان قتل ڪري سندس لاش کي ساڙيو ويو هيو جڏهن تہ سندس لاش کي جوابدار شاهہ لطيف جنهن کي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڊاڪٽر آڪاش انصاري قتل ڪيس جي فيصلي وقت عدالت ۾ سندس دوستن، مداحن ۽ وڪيلن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

حيدرآباد: ناميارو وڪيل ڊاڪٽر آڪاش

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ناميارو شاعر جي قتل بعد سنڌ ۾ سخت احتجاجن بعد ڪيس هائي پروفائل بڻجي ويو

حيدرآباد: 11 مهينا اڳ قتل ٿيل ناميارو شاعر جي قتل بعد سنڌ ۾ سخت احتجاج ٿيا جنهن بعد ڪيس هاءِ پروفائيل بڻجي ويو هيو جنهن سبب ان وقت جي ايس ايس پي ڪيس بابت 3 دفعا مختلف موقعن تي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 28 سال 2026

شريمتي عاشي زال سنيل ڪمار ڌيءُ عمر مل رهندڙ گهر نمبر 14 سوسائٽي پاسپورٽ سچل ڪالوني نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: سنيل ڪمار ولد شفن مل رهندڙ ڳوٺ منثار شورو بي ايڊريس بي سي نسيم نگر بي ايس قاسم آباد حيدرآباد 03001617454....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ٽرمينيشن آف ميرج مينٽيننس ۽ ڊواري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 12-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 30 سال 2026

شريمتي حنا راءِ زال راجيش ڌيءُ عمر مل رهندڙ گهر نمبر 14 سوسائٽي پاسپورٽ سچل ڪالوني نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: راجيش ولد شفن مل رهندڙ ڳوٺ منثار شورو بي ايڊريس بي سي نسيم نگر بي ايس قاسم آباد حيدرآباد 03043116983....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ٽرمينيشن آف ميرج مينٽيننس ۽ ڊواري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 12-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم IIIٽنڊو الهيار
گارڊين شپ درخواست نمبر 04 سال 2026

ضياء الرحمن ولد محمد حسين رهندڙ ڳوٺ محمد صديق نوهاڻي بي او ڪڙيو گهنور گولاڙچي ضلعو بدين ...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات رحمت بيواهه محمد حسين (2) اوساما ولد محمد حسين (3) مسمات رضيا ڌيءُ محمد حسين (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ....اپوننٽس (1) فضل الرحمن (2) نازيه (3) عطاء الرحمن (4) شازيه (5) فائضه. مائنر

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 29-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم IIIٽنڊو الهيار

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي جيئند خان ولد لال بخش رهندڙ ڳوٺ گل محمد پرڳڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي قمبر خان ولد شير محمد تاريخ 01-12-1992 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 400، 295 ايراضي حصي موجب ديهه بلوري تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. (1) لعل بخش (پٽ). لعل بخش تاريخ 13-11-2013 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: (1) جيئند (پٽ) (2) گل بهادر (پٽ) (3) سڪينه (ڌيءَ) (4) پري (ڌيءَ) (5) رخسانه (ڌيءَ) (6) نائيه (ڌيءَ) (7) صوبيه (ڌيءَ) (8) شبانه (ڌيءَ) (9) خيرالنساء (ڌيءَ) (10) ڏاڏو (بيواهه) فوتي اعتبار پٽ شير محمد تاريخ 01-01-1976 تي فوت ٿي ويو جنهنجا وارث: (1) قمبر (پاڻ) (2) رستم (پاڻ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتين جو بيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي مير عامر علي ٽالپر ولد مير نادر علي خان ٽالپر گهر نمبر B/23 فراز ولاز-3 قاسم آباد حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مير نادر علي ٽالپر ولد مير شهداد خان ٽالپر تاريخ 01-2016-02 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ پلاٽ/ سروي نمبر 33/1to4 ۽ بين مان ٺهيل پلاٽ نمبر25، 1800 چورس فوٽ پلاٽ نمبر B-31 ايراضي 1500 چورس فوٽ ديهه هٽڙي ٽپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) مسمات صفيه بيگم (بيواهه) (2) مسمات انيلا ٽالپر (ڌيءَ) (3) مسمات ميمونه (ڌيءَ) (4) مير معظم علي (پٽ) (5) مير عامر علي ٽالپر (پٽ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتين جو بيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي علي محمد ولد محمد اسماعيل ڪتياڻ ويٺل ڳوٺ موسيٰ ڪتياڻ تعلقو مٽياري، اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد اسماعيل ولد حاجي احمد ڪتياڻ جيڪو تاريخ 1988 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه سپڪي جاگير ٽپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي. جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) علي محمد ڪتياڻ (پٽ). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده/ گهرواري فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) غلام حسين ولد بلاول (2) عبدالجبار ولد خان محمد جن ڳوٺ موسيٰ ڪتياڻ ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي رتومل گجراتي ولد ڏالو گجراتي ويٺل گجراتي محلا مٽياري تعلقو ۽ ضلعو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والده نالي گومين بيواهه ڏالو گجراتي جيڪاٽائون ڪميٽي مٽياري ۾ رٽائرڊ سٽيپر هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 26-02-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) رتومل گجراتي (پٽ) (2) مسمات ڪاري گجراتي (ڌيءَ) (3) مسمات گڏي گجراتي (ڌيءَ). جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي: راجو گجراتي ولد گنگو گجراتي ۽ راجو ولد مائولو گجراتي جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هر خاص و عام اطلاع لو ڏجي ٿو ته يونين ڪميٽي نمبر 85 ٽي ايم سي ٽنڊو فضل ايڇ ايم سي حيدرآباد ۾ فوتي سرٽيفڪيٽ ٺهرائڻ لاءِ درخواست گذار عبدالرشيد خاصخيلي ولد رسول بخش ڳوٺ سومر خاصخيلي ديهه سنهوار تعلقو ضلعو حيدرآباد جيڪو پنهنجي ڏاڏي نالي امام بخش ولد گل محمد جو فوتي سرٽيفڪيٽ (2) گواهن ۽ ڪائونسلر جي تصديق سان درخواست جمع ڪرائي آهي انهيءَ سرٽيفڪيٽ کي ڪنهن کي به ڪوبه اعتراض هجي ته (08) ڏينهن ۾ يونين ڪميٽي نمبر85 ۾ حاضر ٿي پيش صورت ۾ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو ان ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو

المشتهر: سيڪريٽري يونين ڪميٽي نمبر85 TMC ٽنڊو فضل ايڇ ايم سي حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 179 سال 2026

مسمات سميرا ڌيءُ خورشيد زال بهرام بالغ مسلم رهنڙ شيرياڻو ڪالوني ڪراچي حال رهندڙ دارالامان قاسم آباد حيدرآباد....پلينٽف...خلاف:بهرام پٽ پنهل بالغ مسلم ذات زرداري رهندڙ ڳوٺ سرهاڙي تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 30-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي ڪورٽ- IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 570 سال 2025

شريمتي راڌا زال راجا هندو بالغ رهندڙ محلا چام صاحب روڊ نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: راجا پٽ گمن داس ڪنائي هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ علي بخش سنجراڻي تعلقو سڪرنڊ سيل نمبر 0302-3206432....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 12-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر 01 سال 2026

مسمات عاليه بيواهه غلام مرتضيٰ جوڪيو رهندڙ هائوس نمبرB-5 هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه تعلقو نوابشاهه ....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات لبيڪ ڌيءُ غلام مرتضيٰ جوڪيو (2) مسمات نعمت خاتون بيواهه محمد بچل جوڪيو ٻئي مسلم بالغ رهندڙ هائوس نمبر B-5 هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه ....اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي صغيرن نالي AHIL (3) AROOBA (2) FAYAN(1) جي گارڊين جي مقرري لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 26-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر 17 سال 2026

مسمات زينب شاهه...پلينٽف...خلاف: محبوب شاهه پٽ جمن شاهه رهندڙ ڳوٺ بيلي شاهه ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو بي ايڊريس: قاسم آباد حيدرآباد ڳوٺ شورو حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف پاسٽ اينڊ فيوچر مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنرز رڪوري آف ڊاور اماؤنٽ اينڊ 03 مهينن جو عدت پيريڊس الانگ وٽ ايپليڪيشن يو/ايس 17-A آف FCA 1964 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 07-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر 08 سال 2026

رضوان پٽ قل پالاري مسلم بالغ ذات پالاري رهندڙ داد پائي ڳوٺ قل پالاري سري روڊ تعلقو ٿانو بولا خان ضلعو جامشورو سيل نمبر 0304-2416212، 0312-2984739...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 07-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-XI حيدرآباد
(روبرو جناب نويد شريف)

مسمات صغره پرهياڙ ڌيءُ بڏري خان بالغ مسلم رهندڙ ڳوٺ فيروز پرهياڙ پي.او ٽنڊو حيدرآباد تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد....پلينٽف...خلاف: رشيد پرهياڙ پٽ رمضان پرهياڙ رهندڙ ڳوٺ فيروز پرهياڙ پي.او ٽنڊو حيدر ضلعو حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ جڊيشل سيپريشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 02-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-IX حيدرآباد
(روبرو جناب حميرا اُوٽي)
جي اينڊ ڊبليو نمبر 2460 سال 2026

مسمات بصران بيواهه گلاب بالغ مسلم رهندڙ غلام شاهه ڪلهوڙو ڪالوني ويجهو سينٽرل جيل حيدرآباد...ايپليڪينٽ...خلاف: جنرل پبلڪ ايٽ لارج...اپوننٽس (1)پنهل پٽ گلاب (2) گل حسن پٽ گلاب ٻئي رهندڙ غلام شاهه ڪلهوڙو ڪالوني ويجهو سينٽرل جيل حيدرآباد...واردس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف ايپليڪيشن يو/ايس 7 ۽ 10 آر/ ڊبليو سيڪشن 29 آف گارڊين اينڊ واردس ايڪٽ آف 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج جامشورو
(روبرو جناب علي احمد جان)
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر02 سال 2026

(1) مسمات رضوانه بيواهه مرحوم امان الله ڪوسو ڌيءُ محمد يعقوب مسلم بالغ رهندڙ هائوس نمبر15 مسلم ٽائون ڪوٽڙي ضلعو جامشورو (2) غلام حيدر پٽ مرحوم امان الله ڪوسو (3)رضا حسين پٽ مرحوم امان الله ڪوسو مسلم مائنر معرفت سندس مٽر/ گارڊين/ نيڪسٽ فرينڊ ايپليڪينٽ نمبر01...ايپليڪينٽس...خلاف: (1) علي حيدر پٽ مرحوم امان الله ڪوسو (2) قرت العين عيني رهندڙ هائوس نمبر15 پٽ مرحوم امان الله ڪوسو مسلم بالغ مسلم ٽائون ڪوٽڙي ضلعو جامشورو (3) انچارج/ مئنيجر حبيب بينڪ لميٽيڊ قاسم آباد حيدرآباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 ساڻ درخواست زير قلم 32 رول 3 آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي مرحوم امان الله ڪوسو پراپرٽي ۾ حبيب بينڪ قاسم آباد برانچ جي اڪائونٽ ۾ رقم -/334،421،69 توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، جڊيشل سيپريشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 02-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج جامشورو

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات ثمينه زال حاڪم علي خاصخيلي ويٺل ڳوٺ غلام محمد خاصخيلي تعلقو ۽ ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ولد نالي حاڪم علي ولد رحيم ڏنو خاصخيلي جيڪو يونين ڪائونسل نمبر11 ۾ جونيئر ڪلارڪ هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 14-11-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات ثمينه خاصخيلي (بيواهه) (2) اعظم علي (پٽ) (3) عادل علي (پٽ) (4) قمرالنساء (ڌيءَ) (5) شگفته (ڌيءَ) (6) شهزادي (ڌيءَ) (7) سوهاڻ (ڌيءَ). جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي: مير احمد صدام حسين ولد ظهير احمد ۽ اڪرم علي ولد شفيع محمد خاصخيلي جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع لو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن نوٽيس جي ذريعي اطلاع ڪيو ٿو وڃي ته آئون غلام ولد الهه ورايو رهندڙ پلاٽ نمبر 17 سيڪٽر-B-4 بلاڪ-A خدا جي بستي ڪوٽڙي ڊسٽرڪٽ جامشورو سنڌ پلاٽ نمبر RCC-92 ۽ پلاٽ نمبر RCC-93 هر هڪ جي ايراضي 240 چورس گز واقع ايڪسٽينشن نارٿ قاسم آباد هائوسنگ اسڪيم تعلقو قاسم آباد حيدرآباد نالي خالد علي ولد خير محمد رهندڙ گهر نمبر 342/806 محلو نانگو لين ڪوٽڙي ضلعو جامشورو کان خريد ڪري رهيو آهيان ۽ لينڊ مئنيجمينٽ ڊپارٽمينٽ ايڇ ڊي اي رڪارڊ ۾ پنهنجي نالي منتقل ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏيندس. ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن فرد يا ادارو کي ڪوبه قانوني اعتراض، حق يا دعويٰ هجي ته هو هن نوٽيس جي اشاعت جي 15 ڏينهن جي اندر اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لينڊ مئنيجمينٽ ڊپارٽمينٽ ايڇ ڊي اي فورٿ فلور سوک سينٽر حيدرآباد کي سمورن قانوني دستاويزي ثبوت سان گڏ روبرو يا درخواست رجسٽرڊ (A.D) جي ذريعي اطلاع ڪن. معياد گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض يا حق دعويٰ قابل قبول نه هوندو ۽ پلاٽ جي منتقلي جي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

غلام ولد الهه ورايو پلاٽ نمبر 17 سيڪٽر-B-4 بلاڪ-A خدا جي بستي ڪوٽڙي ضلعو جامشورو سنڌ

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع لو ڪجي ٿو ته يونين ڪائونسل ڪيلور تعلقو ۽ ضلعو عمرڪوٽ درخواست گذار نالي عليو ولد سڪيو درخواست ڏني آهي ته منهنجي والده نالي سوني ڌي پاڪر زال سڪيو پيدائش جي تاريخ 07-09-1921 ۽ فوت ٿيڻ جي تاريخ 15-04-1998 تي فوت ٿي وئي آهي ۽ منهنجو پاءِ نالي رمضان ولد سڪيو پيدائش جي تاريخ 04-06-1946 ۽ فوت ٿيڻ جي تاريخ 08-04-1977 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا مونکي ديٿ سرٽيفڪيٽ گهربل آهن انهي ڪري هن اشتهار ذريعي اطلاع لو ڪجي ٿو ته ڪنهن کي به ڪو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي 7 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي بي صورت ۾ ديٿ سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنا ويندا

يونين ڪائونسل ڪيلور تعلقو ۽ ضلعو عمرڪوٽ
المشتهر عليو ولد سڪيو تعلقو ۽ ضلعو عمرڪوٽ

گمشده ڪاغذن بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي پلاٽ نمبر 126 ايراضي 400 اسڪوائر يارڊ واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد ديهه گنجو ٽڪر تعلقو لطيف آباد ضلعو حيدرآباد ۽ بيو پلاٽ نمبر 63 ايراضي 400 اسڪوائر يارڊ واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد ديهه گنجو ٽڪر تعلقو لطيف آباد ضلعو حيدرآباد جا ڪاغذات ڪٿي ڪري گر ٿي ويا آهن ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيا آهن جنهن جي اين سي لاگاپيل ٿاڻي تي پڻ داخل ڪرائي آهي اگر ڪنهن کي هٿ اچن ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلين بي صورت ۾ ڊپليڪيٽ جاري ڪري ڏنا وڃن

حميراحمد ولد رفيق احمد رهندڙ گهر نمبر 27/A بلاڪ ڊي يونٽ نمبر 6 لطيف آباد حيدرآباد

تاريخ پيدائش جي درستي

جيئن ته منهنجي شناختي ڪارڊ ۾ منهنجي جمڻ جي تاريخ 1966 غلط لکجي وئي آهي جنهن کي اسڪول سرٽيفڪيٽ موجب درست ڪري 15-04-1969 الڪيو ۽ پڙهيو وڃي

عبدالمجيد ولد محمد هاشم چانگ اسلام پور محلو وارڊ نمبر 03 ٿٽو سنڌ

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي اصغرعلي ولد مگهڻ ماڇي جي وارثن درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي مگهڻ ولد ميرخان ماڇي تاريخ 22-08-07 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 292 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۽ بلاڪ نمبر سروي نمبر 19/6/0-24،3/5.20/4 امان ۽ بيا مان ڪڏيل جمع موجب ايراضي 01-02 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ عبدالحڪيم ديهه نمبر 292 ۾ ڪري انهي بن شاهدن جي بيان قلم بند ڪيا ويا آهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) دلاور (پٽ) (2) محمد اسماعيل (پٽ) (3) غلام حسين (پٽ) (4) علي اصغر (پٽ) (5) فاطمه (ڌي) (6) زبيده (ڌي) (7) شبانه (ڌي) (8) افسانه (ڌي) هر خاص و عام کي اطلاع لو ڏجي ٿو ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ فوتي موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ڪيو ٿو وڃي ته نالي محمد خالد حسين ولد محمد حسين شناختي ڪارڊ نمبر 41304-9467733-7 هڪ عدد پلاٽ نمبر 47 جيڪو 400 چورس گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسر ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ (1) فهميده خاتون شناختي ڪارڊ نمبر 42201-33395742 (2) فاروق خان شناختي ڪارڊ نمبر: 41306-9652107-1 (3) ڪنور ياسر شناختي ڪارڊ نمبر: 43406-0565744-4 (4) انيلا فواد شناختي ڪارڊ نمبر: 31301-4112355-6 (5) سحراب خان شناختي ڪارڊ نمبر: 41306-8022574-9 (6) حبيبت خان جتوئي شناختي ڪارڊ نمبر: 42301-3625605-7 (7) زرڪا انيتا بيواهه عمران خان شناختي ڪارڊ نمبر: 41306-9209105-8 (8) اورنگزيب خان ولد عمران خان شناختي ڪارڊ نمبر: 41306-7505908-7 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبه اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي شهباز بلڊنگ بلاڪ-A گرائونڊ فلور حيدرآباد کي اطلاع ڪن معياد گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

المشتهر: محمد خالد حسين ولد محمد حسين
معرفت: محمد نعيم راجپوت، اسٽيٽ ايجنسي يونٽ نمبر07 لطيف آباد حيدرآباد موبائل نمبر: 0300-3247949

بقايا	1	سپريم ڪورٽ

قانون برقرار نٿي رهي سپريم ڪورٽ طرفان جاري لکت واري فيصلي موجب جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب، جسٽس نعيم اختر افغان ۽ جسٽس محمد شفيع صديقي تي ٻڌل 3 رڪني بينچ سي پي ايل اي نمبر 2025/1990 جي ٻڌڻي ڪئي هئي. پوءِ ايف بي آر جي درخواست رد ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو ڪيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ان لينڊ روينيو راولپنڊي لاهور هاءِ ڪورٽ راولپنڊي بينچ جي 10 مارچ 2025ع جي فيصلي کي چيلينج ڪيو هو عدالتي فيصلي موجب ريجنل ٽيڪس آفيس راولپنڊي 15 نومبر 2023ع تي جواب ڏيندڙ عمر طارق خان کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو هو جنهن ۾ 4 ملين رپين کان وڌيڪ جي مبينه قابل قبول ان پٽ ٽيڪس جي وصولي جو الزام لاڳو ڪيو ويو جڏهن ته ڪارروائي جي نتيجي ۾ آرڊر ان اوريجنل 20 مارچ 2024ع تي جاري ڪيو ويو جيڪو شوڪاز نوٽيس جاري ٿيڻ کان مقرر 120 ڏينهن جي قانوني مدت کان وڌي ويو هو سپريم ڪورٽ قرار ڏنو ته ان ٽڪني تي قانون اڳ ئي ڪيترائي فيصلا ڏئي چڪي آهي

بقايا	2	نائين وزارت

رهندي. اها ڳالهه نائين واري وزارت طرفان جاري ساهواري اقتصادي اپ ڊيٽ رپورٽ ۾ چئي وئي آهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته وڏين صنعتن جي پيداوار ۾ بهتري معاشي اڃاڻ جي هماهنگيڊ ڪارڪردگيءَ سبب

مالي سال 2026ع ۾ ملڪي معيشت ترقي جي رفتار برقرار رکڻ لاءِ موزون پوزيشن ۾ آهي.

بقايا	3	مطالبو

ڪميشن قائم ڪريو" جي نعرن سان گونجيو سنڌ اسيمبلي جو اجلاس آڱاري تي ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني جي صدارت ۾ شروع ٿيو مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو ته ڪالهه ته اسان مطالبو ڪيو هو ته گل پلازا واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي حڪومتي ڪميٽي هڪ جعلي آهي حڪومت جي ماتحت آفيسر ڪيئن شفاف جاچ ڪرائي سگهن ٿا؟ مان هن معاملي تي قرارداد پيش ڪندس، حڪومت کي اسان جي حمايت ڪرڻ گهرجي گهرو وزير حڪومت جو موقف پيش ڪيو آهي انهن جي ڪنهن به ڳالهه تي ڪو به اعتبار ناهي غير جانبدار عدالتي ڪميشن ذاهي اسان جي سياست ختم ڪريو اسان ڏيڻ وارا نه آهيون جيترو اهي چاهين سنڌ جي گهرو وزير ضيا لنجار چيو ته اهي ٽن ڏينهن کان هي تقرير ڪري رهيا آهن اسان ڪي ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن انهن کي پهريان اسان کي ٻڌڻ گهرجي ۽ پوءِ پنهنجو قرارداد آڻڻ گهرجي هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير گل پلازا واقعي تي ڳالهايو آهي ان کان پوءِ مخالف ڌر جي اڳواڻ به ڳالهايو ۽ ڳالهائڻ جو ناهي اڄ ڪابينا فيصلو ڪيو آهي ته ڪمشنر ڪراچي جاچ ڪندو ڪابينا وڏي وزير جي اڳواڻي ۾ هڪ ڪميٽي ناهي آهي هي ڪميٽي سمجهي ٿي ته جيڪڏهن جاچ ڪافي نه آهي ته عدالتي ڪميشن ناهي ويندي اسان چاهيون ٿا ته ذميوارن کي سزا ڏني وڃي اسان اسيمبلي کي يقين ڏيارڻ چاهيون ٿا ته هن واقعي جي مڪمل جاچ ڪئي ويندي

بقايا	4	ميئر ڪراچي

ٿي ڪمشنر ڪراچي جي سربراهي ۾ جاچ ڪميٽي جوڙي وئي هئي جڏهن ته واقعي جي ايف آءِ آر پڻ داخل ڪئي وئي آهي. جاچ رپورٽ جلد منظر عام تي آندي ويندي. ميئر ڪراچي سانحو گل پلازا تي معاشي سان گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته هو هن المناڪ واقعي ۾ متاثر خاندانن جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهن. هن چيو ته هن سانحي مان سبق حاصل ڪندي مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ اپاءُ وٺڻ جو قدم کنيا ويندا. هن ٻڌايو ته گل پلازا ۾ باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ 19 لک 15 هزار گيلن پاڻي استعمال ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته اڄ صبح صحافين سان گڏ حب ريزروائر جو دورو ڪيو ويو جتي چاليهه سالن کانپوءِ ريزروائر تي موجود 15 ايم جي ڊي ڪينال جي صفائي جو ڪم جاري آهي. هن خيالن جو اظهار هن آڱاري جي ڏينهن ڪارساز شاهراهه فيصل تي واقع ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي هيڊ آفيس ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو هن موقعي تي ڪي ايم سي سٽي ڪائونسل ۾ پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جمن دراني چوڌيل نمائندا ۽ بيا آفيسر پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي چيو ته ڏاڍين برساتن کانپوءِ حب ڊيم مڪمل طور ڀرجي چڪو آهي حب ڊيم تي نئين ڪينال تعمير ڪئي وئي آهي جڏهن ته پراڻي ڪينال جي بهتري لاءِ به قدم کنيا پيا وڃن هن چيو ته حب ڊيم ۾ ايتري گنجائش موجود آهي جو شهر کي 100 ايم جي ڊي جي حساب سان ايندڙ ٽن سالن تائين پاڻي فراهم ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته پراڻي ڪينال جي مڪمل مرمت کانپوءِ 200 ايم جي ڊي پاڻي جي فراهمي ممڪن ٿي سگهندي هن ٻڌايو ته نئين ڪينال جو ڪم اٺن مهينن ۾ مڪمل ڪيو ويو هن چيو ته وفاقي حڪومت سان 100 ايم جي ڊي پاڻي جي مقدار وڌائڻ بابت ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪئي وئي، پر جڏهن پاڻي اچڻ شروع ٿيو ته ريزروائر ۾ ڪيسينگ جي ڪوٽ هڪ چيلينج بڻجي سامهون آئي آهي هن وقت ساڍا ستن ساڍا ست ايم جي ڊي جا ٻه ريزروائر موجود آهن جن ذريعي 15 ايم جي ڊي پاڻي ضلعي اولهه ۽ ڪيماڙي تائين پهچايو ويندو ميئر ڪراچي چيو ته ايل ايس آر پمپنگ اسٽيشن جي مرمت ۽ بحالي بابت به قدم کنيا ويا آهن جنهن سان چار ڪان ساڍا چار ايم جي ڊي اضافي پاڻي جي فراهمي ممڪن بڻجي سگهندي هن چيو ته ذميواري هميشه قيادت جي هوندي آهي ماڻهو آئيندا ويندا رهندا آهن پر قيادت جوابده رهندي آهي هن چيو ته انسانيت کان وڏي ڳڻه ٻه ناهي جيڪي ماڻهو تڪليف ۽ پريشاني ۾ آهن اسان کي انهن سان گڏ بيهڻ گهرجي اسان کي پنهنجي ڪردار سان اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته سياسي قيادت عوامي مسئلن تي سياست نٿي ڪري هن مثال ڏيندي چيو ته لاهور ۾ راوي درياهه جي ويجهو سوسائٽي تباهه ٿي وئي، پر ان کي سانحو قرار نه ڏنو ويو ميئر ڪراچي چيو ته هو تنقيد کان هرگز نه ٿو گهٻرائي. ڪورنگي ڪازوي جي پل جي تعمير کان اڳ به سخت تنقيد ٿيندي رهي، پر هن ڪورنگي ۽ ابراهيم حيدري جي عوام سان ڪيل واعدو پورو ڪيو هن چيو ته ڪراچي جي شهرين جي ديرينه مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ڇهه ارب رپين جي لاڳت سان پل تعمير ڪئي وئي هن چيو ته پاڪستان ۾ هن ڪنهن کي ڳالهائڻ جو حق آهي، پر هو قانون مطابق ڳالهائين ٿا ڇاڪاڻ ته هن قانون پڙهيو آهي هن جو خيال آهي ته جتي پيسو خرچ ٿيو آهي اتي ماڻهو فائدو پڻ حاصل ڪري رهيا آهن ڪم اهو ٿيڻ گهرجي جنهن جو فائدو ڊگهي عرصي تائين ملي بلدياتي سڌارن بابت ڳالهائيندي ميئر ڪراچي چيو ته ماضي ۾ قانون شڪني ۽ بدانتظامي سبب ادارن کي ڪروڙين رپين جو نقصان ٿيو پاڪستان جي بلدياتي ادارن ۾ اڳ ۾ سيپ (SAP) سسٽم موجود نه هو جيڪو پيپلز پارٽي جي قيادت باقاعدي طور متعارف ڪرايو ته جيئن بي ضابطگين جو خاتمو ٿي سگهي هن چيو ته ٻئي نوڪري ڪندڙ عنصرن سبب ادارن کي وڏو مالي نقصان ٿيندو رهيو گذريل سال ڪي ايم سي جي پگهارن جو نظام سيپ سسٽم تي منتقل ڪيو ويو ۽ هاڻي ڪي ايم سي جون سڀ پگهارون سيپ سسٽم ذريعي ادا ڪيون پيون وڃن جلد واٽر ڪارپوريشن ۾ به سيپ سسٽم لاڳو ڪيو ويندو ميئر ڪراچي انڪشاف ڪيو ته واٽر ڪارپوريشن جا 73 ملازم ٻيڻي پگهار وٺندا پڪڙيا ويا اداري ۾ ڪل 8360 ملازم آهن جن مان ساڍا پنج هزار کي سيپ سسٽم تي منتقل ڪيو وڃي چڪو آهي. انهن مان ست اهڙا ملازم پڻ هئا جيڪي ڪي ايم سي کان به پگهار وٺي رهيا هئا. هن ٻڌايو ته واٽر ڪارپوريشن جا 8954 پينشنر آهن ۽ هدف اهو آهي ته مارچ جي پگهار سيپ سسٽم تحت ادا ڪئي وڃي سيپ سسٽم متعارف ڪرائڻ جو مقصد شفافيت کي يقيني بڻائڻ هو ۽ نظام بهتري ڏانهن وڌي رهيو آهي ميئر ڪراچي چيو ته 30 جون تائين سڀ ٽيڪا، سڀ ڪينڊر سڀ چيڪ ۽ پينشن جون ادائيگيون سيپ سسٽم ذريعي ڪيون وينديون ته جيئن چيڪ وارو نظام ختم ٿي سگهي. ايندڙ ٽن کان پنجن سالن ۾ مالي معاملن ۾ وڌيڪ بهتري ايندي هن چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي جي 46 ارب رپين جي لاڳت سان شهر ۾ روڊن جي مرمت جو ڪم ڪندي ۽ پنهنجي ماڻهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو ويندو ميئر ڪراچي چيو ته نيب (NAB) وفاقي گهرو وزير نه ئي چيئرمين نيب هلائيندا آهي

بقايا	5	بريفنگ

سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي گورنر سنڌ کي گل پلازا سانحي جي تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني ۽ گورنر سنڌ کي گل پلازا سانحي جي جاچ ۽ اڳڀرائي بابت آگاهه ڪيو گورنر سنڌ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي هدايت ڪئي ته گل پلازا سانحي جي ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري آزاد خان کي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جي نئين ذميوارين تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن چيو ته ڪراچي پاڪستان جي معاشي شه رڳ آهي شهر ۾ امن امان جي تسلسل اسان جي اولين ترجيح آهي. ان حوالي سان جديد نگراني ڪيمرائن جي انسٽاليشن شهرين جي تحفظ لاءِ ناگزير آهي ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان پڻ پوليس جي صلاحيت وڌائڻ ۽ اثرائتي پوليسنگ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سخت قدم کنيا پيا وڃن

بقايا	6	علي خورشيدي

اجلاس کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جيستائين عدالتي (جوڊيشل) انڪوائري نه ٿيندي، تيستائين هو خاموش نه رهندا. علي خورشيدي چيو ته گل پلازا ۾ لڳل باهه وسائڻ لاءِ صرف پاڻي استعمال ڪيو ويو فائر فائٽنگ ڪيميڪل استعمال نه ڪيو ويو جڏهن ته ماڻهن جون جانيون بچائڻ لاءِ به مناسب قدم نه کنيا ويا. هن الزام هنيو ته ڊي سي آفيس گل پلازا انتظاميا سان گڏ

بيٺل آهي ۽ سوال ڪيو ته ڊي سي ان وقت ڇا ڪري رهيو هو؟ ان جو جواب عوام کي ڏنو وڃي اپوزيشن ليڊر چيو ته هو موجوده ڪميٽي کي نٿا مڃين ۽ اسيمبلي اجلاس ۾ جوڊيشل ڪميشن جو مطالبو ڪندي قرارداد به پيش ڪئي وئي آهي علي خورشيدي چيو ته ڪين چيو ويو ته هو مئلن تي سياست ڪري رهيا آهن پر حقيقت ۾ حڪومت شهيدن تي سياست ڪري رهي آهي هن اعلان ڪيو ته هو روزانو پنهنجا مطالبا ورجائيندا ۽ چيو ته جيتري سيڪيورٽي واپس ورتي آهي واپس وٺي پر سندن جدوجهد جاري رهندي علي خورشيدي چيو ته حڪمران چاهين ٿا ته ماڻهو هن واقعي کي وساري ڇڏين پر جيستائين گل پلازا جي متاثرن کي انصاف نٿو ملندو تيستائين هو خاموش نه ٿيندا. هن چيو ته هو هن واقعي جي فائيل بند ٿيڻ نه ڏيندا. حڪمران چاهين ٿا ته جيئن آر جي مال ۾ باهه واري واقعي کي وساريو ويو تيئن هن واقعي کي به مٽي هيٺ دٻايو وڃي، پر هن ڀيري ائين نه ٿيندو اپوزيشن ليڊر وڌيڪ چيو ته جمعي ڏينهن اسيمبلي اجلاس ۾ به اهو مطالبو ورجايو ويندو هن واضح ڪيو ته پر سڄي عوام جو مطالبو آهي آخر ۾ علي خورشيدي سوال ڪيو ڇا اسان بي حس ٿي وڃون؟"

بقايا	7	حليم عادل شيخ

آهي ته عمران خان سان ملاقات نه ڪرائڻ آئين ۽ قانون جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي هن چيو ته عمران خان کي 906 ڏينهن کان وڌيڪ ناجائز قيد ۾ رکيو ويو آهي ۽ اي آءِ سنڌ جي صدر موجب عمران خان جي صحت بابت ايندڙ خبرن سبب سڄي قوم سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي هن چيو ته عمران خان کي اکين جا سنگين مسئلا درپيش آهن جن جو جيل ۾ علاج ممڪن ناهي حليم عادل شيخ ٻڌايو ته عمران خان جي اک ۾ شديد تڪليف جون خبرون ملي رهيون آهن جڏهن ته عمران خان کي ڪرائڻ انساني حقن جي سنگين خلاف ورزي آهي هن چيو ته اڄ به عمران خان سان سندس اهل خانه ۽ ساٿين جي ملاقات نه ڪرائي وئي ۽ گهڻو ڪري عمران خان جي ڀينرن ملاقات لاءِ اڊيالا جيل ٻاهران موجود رهيون پي ٽي آءِ سنڌ جو چوڻ آهي ته ملاقات ڪان انڪار ڪري آئين ۽ قانون کي لتاڙيو پيو وڃي حليم عادل شيخ مطالبو ڪيو ته عمران خان جي اکسيليشن فوري طور ختم ڪئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته عمران خان جو علاج شوڪت خانم اسپتال يا ڪنهن وڏي اسپتال ۾ ڪرايو وڃي ۽ ڪيس فوري ۽ مڪمل طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن حليم عادل شيخ چيو ته عمران خان جي صحت بابت سڄي قوم ۾ سخت غم ۽ غصو موجود آهي ۽ اهو ظلم زيادتي ۽ جبر هاڻي وڌيڪ برداشت نه ڪيو ويندو هن چيو ته ظلم ۽ جبر عمران خان کي جهڪائي نٿو سگهي سڄي قوم عمران خان سان گڏ بيٺل آهي آخر ۾ پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر مطالبو ڪيو ته عمران خان سان فوري ملاقات ڪرائي وڃي ۽ ڪيس بنا دير مڪمل طبي سهولتون مهيا ڪيون وڃن

بقايا	8	پي اي سي جو اجلاس

صدارت هيٺ کاتي جي اڪائونٽس ڪميٽي (DAC) جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ مالي ۽ انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران مختلف شعبن جي ڪارڪردگي، مالي نظم ۽ ضبط، شفافيت ۽ احتساب سان لاڳاپيل معاملن تي غور ڪيو ويو. ڊائريڪٽر جنرل پي آر اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته سٺي حڪمراني ۽ شفافيت حڪومتي پاليسي جا بنيادي ستون آهن جن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو. هن هدايت ڪئي ته سمورا کاتا مالي معاملن ۾ مڪمل شفافيت کي يقيني بڻائن قاعدن ۽ ضابطن جي مڪمل پابندي ڪن ۽ مالي وسيلن جي صحيح استعمال کي هر صورت ممڪن بڻايو وڃي. اجلاس ۾ التواءِ هيٺ آڊٽ اعتراضن تي تفصيلي غور ڪيو ويو ۽ انهن جي بروقت ازالي لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي واضح هدايتون جاري ڪيون ويون. ڊائريڪٽر جنرل پي آر ان عزم جو اظهار ڪيو ته کاتي جي اڪائونٽس ڪميٽي جي اجلاسن جي تسلسل سان نه رڳو مالي شفافيت کي هٿي ملندي، پر اداري جي ڪارڪردگي ۾ پڻ نمايان بهتري ايندي. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر انفارميشن منصور راجپوت، امتياز علي جوڻي، ارشاد چانڊيو، شهزاد شيخ، ماجد خان، غلام عباس گوراهو، شبانه چنا، ڊپٽي ڊائريڪٽرز ۽ لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا	9	ذميوار قرار

صاحب پاڳاره چيو ته هن سانحي جون تفصيلون ڇاتي دل خون جا ڳوڙها روئي ٿي سنڌ حڪومت جي ناهلي ان ڳالهه مان ظاهر ٿئي ٿي ته ڪئي ٿا ته ان وقت سرباهه وسائڻ جو بندوبست ڪيو ويو ۽ نه ئي مارڪيٽ جا در توڙي اندر ڦاٿل ماڻهن کي ڪڍيو ويو اهڙي وڏي سانحي مهل حڪومتي اهلڪار غائب رهيا. اجلاس ۾ متاثر دڪاندارن، شهيد ٿيندڙن ۽ زخمين جي وارثن کي فوري ۽ مناسب معاوضو ادا ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو جي ڊي اي ڪور ڪميٽي اجلاس ۾ رڪارڊ ڏانڌلي 2024ع جي جعلي چونڊن ۾ ڏانڌلي خلاف 8 فيبروري تي ضلعي هيڊ ڪوارٽرن جي پريس ڪلبن آڏو پرامن احتجاج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ ملڪ جي موجوده آئيني سياسي ۽ معاشي صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو هي اظهار پير صاحب پاڳاره جي صدارت هيٺ راجا هائوس ڪراچي ۾ ٿيل گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي ڪور ڪميٽي اجلاس ۾ ڪيو ويو اجلاس ۾ صدرالدين شاهه راشدي، ڊاڪٽر فهميده مرزا، غلام مرتضيٰ جتوئي، ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم، لياقت علي جتوئي، سيد مظفر حسين شاهه، ڊاڪٽر صفدر عباسي، سردار عبدالرحيم، ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا، ميڊم سائره باني مظهر راهوجو، بئريسٽر حسنين مرزا، حسام مرزا سميت ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ ملڪ جي موجوده سياسي، آئيني ۽ معاشي صورتحال تي تفصيلي غور ۽ فڪر ڪيو ويو ۽ متفق طور ڪيترين ئي اهم قراردادن جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ چيو ويو ته 8 فيبروري جي ٿيل عام چونڊن پاڪستان جي تاريخ جون سڀ کان وڌيڪ متنازع چونڊون هيون جن ۾ رياستي ڏانڌلي سرڪاري مشينري جي بي جا استعمال اليڪشن ڪميشن جي جانبدارانه ڪردار ذريعي عوامي مينڊيٽ کي ٻري طرح مسخ ڪيو ويو ڪور ڪميٽي انهن چونڊن جي نتيجن کي قائم ٿيندڙ حڪومتن ۽ اسيمبلين کي عوام جي حقيقي نمائندگي کان محروم قرار ڏنو ڪور ڪميٽي جامشورو ۾ پير صاحب پاڳاره جي صدارت هيٺ ٿيل گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي جلسي عام ۾ عوام پاران منظور ڪيل قراردادن جي مڪمل توثيق ڪندي ڏانڌلي زده چونڊن ۽ موجوده اسيمبلين کي ٻيهر رد ڪري ڇڏيو اجلاس ۾ واضح ڪيو ويو ته ڏانڌلي زده اسيمبلين ذريعي ڪيل هر قسم جي قانونسازي ۽ هر آئيني ترميم ناقابل قبول هوندي سنڌ جي وراهست جي ڳالهه ڪندڙ احمقن جي جنت ۾ رهن ٿا، جو ته سنڌ اهو صوبو آهي جنهن قرارداد ذريعي پاڪستان جي قيام کي يقيني بڻايو سنڌ جي وراهست جي ڪا به ڳالهه پاڪستان کي ناقابل تلافي نقصان پهچائڻ جي برابر آهي اجلاس ۾ اهي ڳالهه تي به ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي ته ملڪ سخت سياسي، معاشي ۽ آئيني بحران جي ڀڃڪڙي شڪار آهي جتي آئين جي پيچڪوئي، ادارجاتي مداخلت، بنيادي انساني حقن جي لتاڙ ۽ اظهار راءِ تي پابنديون وڌنديون پيون وڃن اجلاس ۾ ايمان مزاري ۽ سندس مڙس سان ٿيل رويي جي سخت مذمت ڪئي وئي. اجلاس ۾ چيو ويو ته پيپلز پارٽي جي لڳاتار 18 سالن جي نااهلي ۽ بدانتظامي سبب ادارهين آئيني ترميم به متنازع بڻجندي پئي وڃي ترميم کي صوبائي اندر سرڪوٽ ڪري ۽ بلدياتي ادارن کي اختيار نه ڏئي اداريهين ترميم جي روح کي سخت نقصان پهچايو ويو آهي اجلاس ۾ چيو ويو ته اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبائي فنانس ڪميشن جو قيام لازمي هو پر سنڌ حڪومت جي بدنيتي سبب اڃا تائين صوبائي فنانس ڪميشن قائم نه ڪئي وئي آهي ڪور ڪميٽي فيصلو ڪيو ته گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس سنڌ ۾ عوامي رابطي جي مهم جاري رکندي ۽ جمهوري، آئيني ۽ پرامن جدوجهد ذريعي عوام جي حقن جو دفاع ڪيو ويندو سنڌ جي وسيلن، زمين ۽ اختيارن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪرڻ جي عزم جو به اعادو ڪيو ويو جي ڊي اي قيادت سنڌ ۾ وڌندڙ زرعي بحران تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي هنن چيو ته هارين کي ڇانورن ۽ ڪمند جي پوري قيمت نٿي ڏني وڃي ڪڻڪ جي پوک ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي ۽ ڪڻڪ جي مناسب قيمت جو اڃا تائين اعلان ناهي ڪيو ويو جي ڊي اي مطالبو ڪيو ته سپورٽ پرائس جو فوري اعلان ڪيو وڃي ته جيئن هاري

اجلاس دوران ڪراچي جي ترقي کي تيز ڪرڻ ۽ عوامي خدمتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ اربين رپين جي انفراسٽرڪچر ٽرانسپورٽ، پاڻي ۽ پلاٽي منصوبن جي به منظوري ڏني وئي. اجلاس جي شروعات ۾ ڪابينا گل پلازا سانحي جي شهيدن لاءِ فاتحه پڙهي...

لاءِ عملي ڪردار ادا ڪري. هن چيو ته پاڪستان ۾ سيڙپڪاريءَ لاءِ مجموعي طور سازگار ماحول موجود آهي ۽ هلندڙ سال دوران ملڪي ۽ غير ملڪي سيڙپڪاريءَ ۾ نمايان اڀرائي جو امڪان آهي...

سخت معاشي مشڪلاتن مان نڪري سگهن. جي ڊي اي قيادت سنڌ ۾ بگڙندڙ امن امان جي صورتحال ۽ وڌندڙ منشيات فروشي تي پڻ سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي...

بقايا	10	سجاڳ

روزاني عبرت

عبدالله عثمان مورائي
صفحو 4
ٽول ٽيڪس يا ترقي؟ سويڊن کان سنڌ تائين هڪ تلخ مقابلو!

بلاول ڀٽو ۽ پرڏيهي پاليسيءَ جي نئين سر جوڙجڪ!
محمد خان ابڙو
صفحو 4

نيٽلي اي بيڪر
صفحو 4
آمريڪا جا 250 سال: قومي سگهه، خودمختياري ۽ پاڪستان سان گڏيل پائيداري جا موقعا

سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ: توانائي جي نالي ۾ ڪيل ڪاريگري
صفحو 4

ايڊيٽوريل

ڪنڊڪوٽ ۾ شڪارپور روڊ تي ڊرينيج جي ناقص نظام سبب نالن جو گندو پاڻي روڊن تي نڪري آيو

گندي پاڻي سبب روڊن تان اچ وڃ مشڪل بڻجي وئي، روڊ ڪناري قائم دڪاندارن جو ڪاروبار به سخت متاثر

ڪاروبار تقريبن ٺپ ٿي ويو آهي ۽ روزانو مالي نقصان ڪي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، ڪو ٻڌڻ وارو ناهي: دڪاندار

ڪيترائي ڀيرا ميونسپل انتظاميا کي آگاهه ڪيو ويو پر تاحال ڪو به اثرائتو قدم نه کنيو ويو آهي بيمارين ڦهلجڻ جو خدشو پڻ وڌي

ڪنڊڪوٽ شڪارپور روڊ تي ڊرينيج جي ناقص نظام سبب نالن جو گندو پاڻي بيٺل آهي

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ ۾ شڪارپور روڊ تي ڊرينيج جي ناقص نظام سبب نالن جو گندو پاڻي روڊن تي نڪري آيو آهي جنهن ڪري علائقو گندگي جو ڍير بڻجي ويو آهي. گندي پاڻي سبب نه رڳو روڊن تان اچ وڃ مشڪل بڻجي وئي آهي پر روڊ ڪناري قائم دڪاندارن جو ڪاروبار به سخت متاثر ٿي رهيو آهي. علائقي جي دڪاندارن ۽ رهواسين جو چوڻ آهي ته گندو پاڻي بدبو پکيڙي رهيو آهي جنهن ڪري گراهڪ اچڻ کان لنوائي رهيا آهن. دڪاندارن جو چوڻ آهي ته ڪاروبار تقريبن ٺپ ٿي ويو آهي ۽ روزانو مالي نقصان ڪي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. رهواسين شڪايت ڪئي ته ڪيترائي ڀيرا ميونسپل انتظاميا کي آگاهه ڪيو ويو پر تاحال ڪو به اثرائتو قدم نه کنيو ويو آهي. گندي پاڻي سبب بيمارين ڦهلجڻ جو خدشو پڻ وڌي ويو آهي، خاص طور تي ٻارڙن ۽ بزرگن لاءِ صورتحال ڳڻتي جوڳي بڻجي وئي آهي. علائقي واسين ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ميونسپل ڪاميٽي ڪنڊڪوٽ ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته شڪارپور روڊ تي نيڪالي آب جو نظام فوري طور درست ڪري نالن جي صفائي ڪرائي وڃي، جيئن عوام ۽ دڪاندارن کي هن تڪليف مان نجات ملي سگهي.

ٽنڊوڄام سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ ريسلنگ چيمپئن شپ جو وي سي ڊاڪٽر الطاف علي سيال افتتاح ڪندي

سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ انڊر 17 ۽ انڊر 19 سنڌ ريسلنگ چيمپئن شپ جو اهتمام

ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو شهيد بينظير آباد ۽ سکر ڊويزن جي رانديگرن جي شرڪت

اهڙا مقابلا نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪن ٿا: ڊاڪٽر الطاف علي سيال

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي ميزباني هيٺ پاڪستان آرمي ۽ پاڪستان ريسلنگ فيڊريشن جي سهڪار سان انڊر 17 ۽ انڊر 19 سنڌ ريسلنگ چيمپئن شپ يونيورسٽي جي مير قائم علي خان ڪاليز اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد، لاڙڪاڻو ۽ سکر ڊويزن سان تعلق رکندڙ رانديگر ٻارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سنڌ ريسلنگ ايسوسيئيشن جي سيڪريٽري انوار حسين خانزادي ٻڌايو ته سڄي سنڌ ۾ پهرين ڀيرو ڊويزن سطح تي مقابلا ڪرايا ويا، جنهن کان پوءِ ڪامياب رانديگرن وچ ۾ سنڌ چيمپئن شپ منعقد ڪئي پئي وڃي. چيمپئن شپ جي نتيجن موجب انڊر 17 مقابلي ۾ 30 ڪلوگرام ۾ تحسين قاسمي، 35 ڪلوگرام ۾ محمد عثمان (حيدرآباد)، 40 ڪلوگرام ۾ عبدالله (حيدرآباد)، 45 ڪلوگرام ۾ فرحان (لاڙڪاڻو) ۽ 50 ڪلوگرام ۾ نصيرالله (لاڙڪاڻو) پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. انڊر 19 مقابلي ۾ 57 ڪلوگرام ۾ محمد جواد (ڪراچي)، 61 ڪلوگرام ۾ فهيم خان (ڪراچي)، 65 ڪلوگرام ۾ ذوالفقار (ڪراچي)، 70 ڪلوگرام ۾ عبدالله (حيدرآباد)، 75 ڪلوگرام ۾ مهتشم (حيدرآباد)، 79 ڪلوگرام ۾ سيد احمد (ڪراچي)، 86 ڪلوگرام ۾ ماشاءَ الله (حيدرآباد) جڏهن ته 125 ڪلوگرام ۾ علي ڏنو (لاڙڪاڻو) ڪاميابي حاصل ڪئي. هن چئمپيئن شپ مان ڪامياب ريسلرز ايندڙ نيشنل ريسلنگ چيمپئن شپ ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪندا. تقريب کي خطاب ڪندي مهمانِ خاص وائيس چانسلر سنڌ زرعي يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال پاڪستان آرمي جي رانديگرن جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته اهڙا مقابلا نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪن ٿا. هن چيو ته سنڌ جا رانديگر مستقبل ۾ نه صرف صوبي پر سڄي پاڪستان جو نالو روشن ڪندا. ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي رانديون جي انعقاد ۽ سنڌ ۾ اسپورٽس جي فروغ لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکندي. ان موقعي تي نيشنل ريفري زين بٽ، عبدالله (نمائندو پاڪستان آرمي)، سيڪريٽري اقبال محمد حسن، رفيق پهلوان، شاڪر پهلوان، مراد پهلوان، حبيب پهلوان، آصف پهلوان، شوڪت سانگي ۽ ٻيون معزز شخصيتون پڻ موجود هيون.

ٽنڊوآدم کي ماڊل سٽي بڻائڻ بابت ماسٽر پلان تي سيمينار، سفارشن ۽ صلاح مشورن تي غور ويچار

مقامي سطح تي ماڻهن جي شموليت سان ئي منصوبو حقيقي ضرورتن مطابق تيار ٿي سگهي ٿو: ذوالفقار علي ڪنڀار

سنڌ حڪومت پاران شهرن جي ترقي لاءِ ميگا پراجيڪٽ ۽ ماڊل سٽي ٺاهڻ وارو منصوبو بهترين عمل آهي: صلاح الدين جوڻيجو

شهرين کي گهرجي ته اهي ان ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي ان عمل ۾ حصو وٺن ۽ پنهنجيون تجويزون ڏين ته جيئن اسان ان تي بهتر نموني عمل ڪري سگهون

ٽنڊوآدم: ٽنڊوآدم شهر کي ماڊل سٽي بڻائڻ لاءِ ماسٽر پلان بابت منعقد سيمينار جو ڏيک

سگهون ان منصوبي سان اسان جي شهر ۾ تمام گهڻي بهتري ايندي. هن چيو ته ٽنڊو آدم لاءِ ماسٽر پلان جي تياري شهر جي پائيدار ترقي لاءِ هڪ اهم قدم آهي، جيڪو پراڻن شهري مسئلن جي حل لاءِ جامع روڊ ميپ ثابت ٿيندو. اي اي ڪنسلٽنگ جي نمائندي سيد بابر شاهه ۽ رٿابندي کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ذوالفقار علي ڪنڀار ٻڌايو ته ٽنڊو آدم جو ماسٽر پلان سنڌ حڪومت جي ان منصوبي جو حصو آهي جيڪو 2013ع ۾ سنڌ جي وڏن شهرن لاءِ شروع ڪيو ويو هو. هن چيو ته حيدرآباد سميت 17 شهرن جا ماسٽر پلان مڪمل ٿي چڪا آهن جڏهن ته ٽنڊو آدم، ڪوٽڙي، هالا ۽ مورو سميت 14 شهرن تي ٽئين مرحلي ۾ ڪم جاري آهي. هن چيو ته ماسٽر پلان ايندڙ ويهن سالن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکي تيار ...

سرهاري پرسان گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول عالم خان زرداري ۾ بنيادي سهولتن جي اڻهوند

عمارت نه ملڻ سبب ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪکائين جهوپڙي اڏائي، نياڻين کي تعليم ڏيڻ تي مجبور

ڪچي ۽ ڪکاوين جهوپڙي هئڻ سبب ڳوٺ جون ڪيترين ئي غريب نياڻيون تعليم جهڙي زيور کان محروم بڻيل

زميني حقيقت ۾ اڄ تائين ڪا به پڪي عمارت موجود ناهي پر ڪيترائي ڀيرا ڪاغذن ۾ مڪمل ڏيکاريو ويو آهي: ڳوٺاڻا


سرهاري گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول جي عمارت نه هجڻ سبب ڳوٺاڻن پاران قائم ڪيل جهوپڙي جو ڏيک

سرهاري(ن ع) سرهاري پرسان ڳوٺ عالم خان زرداري ۾ قائم گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي اڻهوند، گڏيل ڪيترن ئي سالن کان اسڪول جي پڪي عمارت نه ملڻ سبب ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪچي ڪکائين جهوپڙي اڏائي ڳوٺ جي نياڻين کي تعليم ڏيڻ تي مجبور آهن. ڪچي ۽ ڪکاوين جهوپڙي هئڻ سبب ڪيترين ئي ڳوٺ جون نياڻيون تعليم جهڙي زيور کان محروم بڻيل آهن. ان موقعي تي ڳوٺاڻن خادم حسين زرداري، مشتاق زرداري، ذاڪر زرداري، منظور زرداري ۽ ٻين ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو ته گرلس پرائمري اسڪول عالم خان زرداري جيڪو سال 1995ع ۾ منظور ٿيو هو پر گذريل لڳ ڀڳ ٽيهن 30 سالن کان اسڪول کي پڪي عمارت نه ملي سگهي آهي. هنن چيو ته اسڪول ۾ چوديواري، پيئڻ جي صاف پاڻي، واش روم ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي اڻاٺ آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته هن سلسلي ۾ ڪيترائي ڀيرا تڪ جي چونڊيل نمائندن ايم اين اي علاؤالدين جوڻيجو، ايم پي اي شاهد عبدالسلام ٿهيم، ايجوڪيشن ورڪس ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي نشاندهي ڪرائڻ باوجود ڪيس عملي طور ڪو به قدم نه کنيو ويو آهي. هنن الزام لڳايو ته اسڪول جي عمارت کي ڪيترائي ڀيرا ڪاغذن ۾ مڪمل ڏيکاريو ويو آهي جڏهن ته زميني حقيقت ۾ اڄ تائين ڪا به پڪي عمارت موجود ناهي. ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته ڊسمبر ۽ جنوري ۾ رت ڄمائيندڙ سخت سرديون هجن يا جون جولاءِ جون تپندڙ گرميون، پر شاگردياڻيون ڪچي ۽ ڪکاوين جهوپڙي هيٺ پڙهڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته عمارت نه هجڻ سبب ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪکاوين جهوپڙي اڏاوت ڪري ڪيس تعليم جو سلسلو جاري رکندا پيا اچن. هنن تعليم واري وزير سيد سردار شاهه جي تعليم بابت ڪوڪلين دعوائن تي تنقيد ڪندي چيو ته "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جو نعرو صرف نعرو بڻجي رهجي ويو آهي پر عملي طور سنڌ جي هر تعليم کاتي ۾ تعليم وارو صوبائي وزير پنهنجا تجربا ڪري سنڌ جي تعليم کي تباهه ڪري رهيو آهي. آخر ۾ ڳوٺاڻن صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري، ليڊيز ونگ اڳواڻ محترمه فريال ٽالپر، صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري، تعليم واري وزير سيد سردار شاهه ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته جلد از جلد گرلس پرائمري اسڪول عالم خان زرداري جي پڪي عمارت منظور ڪري تعمير ڪرائي وڃي ۽ اسڪول ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪري نياڻين ۽ ڳوٺاڻن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي.

سوڀوديرو تعلقي ۾ بدامني وڌي وئي، پوليس ٿاڻن ۽ پوسٽن تائين محدود، شهري پريشان

راڻيپور، ڪنب، سڳيون، هنگورجا سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام

پوليس اهلڪار بااثر ماڻهن جي اشارن تي ڪم ڪري رهيا آهن، غريب عوام جي دانهن ٻڌڻ وارو ڪو به ناهي: ڊاڪٽر رضيه سلطانه

تعلقي اندر مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ رات جي وقت گشت نه هجڻ سبب ڌاڙيل بي خوف ٿي ڪري دلدا دليريءَ سان ڪارروايون ڪري رهيا آهن

سوڀوديرو ڊاڪٽر رضيه سلطانه ميڊيا سان ڳالهائيندي

سوڀوديرو(ن ع) سوڀوديرو تعلقي ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي، جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور ۽ مختلف سوڀوديرو، راڻيپور، ڪنب، سڳيون، هنگورجا سميت مختلف ٿاڻن ايس ايڇ اوز ۽ حدن جا انچارج صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام نظر اچي رهيا آهن. ضلعي اندر چوريون، ڦرون، اغوا ۽ جهيڙا معمول بڻجي ويا آهن، جنهن سبب غريب ۽ بي پهچ عوام سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهي. شهر توڙي ٻهراڙين وارن علائقن ۾ ڌاڙيل بي خوف ٿي وارداتون ڪري رهيا آهن، جڏهن ته پوليس صرف ڪارروائيون ڏيکارڻ تائين محدود آهي. متاثر شهري انصاف لاءِ ٿاڻن جا چڪر ڪاٽيندي نظر اچن ٿا، پر ڪين نه رڳو دير سان ٻڌو وڃي ٿو پر گهڻن ڪيسن ۾ ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان به ٽال مٽول ڪئي وڃي ٿي. ان حوالي سان پيپلز پارٽي جي صوبائي اڳواڻ ڊاڪٽر رضيه سلطانه سماجي اڳواڻ شاهده پيلاڙ ۽ مقامي شهرين عيوضي سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس اهلڪار بااثر ماڻهن جي اشارن تي ڪم ڪري رهيا آهن، جڏهن ته غريب عوام جي دانهن ٻڌڻ وارو ڪو به ناهي. هنن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي جڏهن ته خيرپور ضلعي جي تعلقي سوڀوديرو ۾ امن امان جي خراب صورتحال جو نوٽيس وٺي نااهل پوليس عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ عوام احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندو.

خيرپور ۾ ٽنڊومستي لاڙڪاڻي روڊ تي پوليس مقابلو، خطرناڪ ڌاڙيل امداد چوهاڻ مارجي ويو

خطرناڪ ڌاڙيل امداد چوهاڻ پنهنجي گروهه سان گڏ ٽنڊومستي لاڙڪاڻي روڊ تي واردات ڪرڻ لاءِ آيو هو: پوليس

واردات ڪرڻ لاءِ آيو هو جتي پوليس سان مقابلو ٿيو، فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ڌاڙيل امداد چوهاڻ مارجي ويو

مارجي ويل ڌاڙيل ڪڇهه ڏينهن اڳ قومي شاهراهه تي واردات دوران ٽرڪ مالڪ نعمان آرائين کي قتل ڪيو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ ٽنڊومستي لاڙڪاڻي روڊ تي خطرناڪ ڌاڙيل امداد چوهاڻ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو جوابدار قومي شاهراهه تي ٽرڪ مالڪ نعمان آرائين جي قتل سميت مختلف ڪيسن ۾ گهربل هو. ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو هدايتوتفصيل موجب، خيرپور ۾ ٽنڊومستي لاڙڪاڻي روڊ تي پوليس سان مقابلي دوران خطرناڪ ڌاڙيل امداد چوهاڻ مارجي ويو ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ٻڌايو ته مارجي ويل ڌاڙيل نوشهرو فيروز ضلعي جو رهواسي هو ۽ پنهنجي گروهه سان گڏ ٽنڊومستي لاڙڪاڻي روڊ تي واردات ڪرڻ لاءِ آيو هو جتي پوليس سان مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ڌاڙيل امداد چوهاڻ مارجي ويو ايس ايس پي موجب، مارجي ويل ڌاڙيل ڪڇهه ڏينهن اڳ قومي شاهراهه تي واردات دوران ٽرڪ مالڪ نعمان آرائين کي قتل ڪيو هو جڏهن ته هو سرگرم ڌاڙيل گينگ جو سربراهه هو مقابلي دوران ڌاڙيل جا ٻي ساٿي فرار ٿي ويا، جن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ آپريشن جاري آهي مارجي ويل ڌاڙيل وٽان پستول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته هن جي ڪرمنل رڪارڊ جي جاچ جاري آهي.

گورنمينٽ بوائز پرائمري ايلمينٽري اسڪول گهنڊيا ۾ استادن جي کوٽ

اسان جي ڳوٺ گهنڊيا جي اسڪول ۾ 350 ٻار تعليم حاصل ڪن ٿا: ڳوٺاڻا

شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ صرف 3 استاد مقرر ٿيل هئا، هڪ استاد کي بدلي ڪيو

سڪرنڊ (س ر) ضلع شهيد بينظيرآباد جي تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ گهنڊيا جي گورنمينٽ بوائز پرائمري ايلمينٽري اسڪول گهنڊيا ۾ استادن جي کوٽ خلاف شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران ڪلاسن اندر پر امن گهر ڪئي هي اسڪول يونين ڪائونسل فتح پور ۾ آهي جنهن جو سيميس ڪوڊ 417030088 آهي چوندا آهن جتي عدل انصاف نه هجي اتي بيحسي ظلم ۽ احساس ڪمتري جنم وٺندا آهن اهڙو ئي ڪجهه ڳوٺ گهنڊيا جي اسڪول ۽ ٻارن سان به ٿئي پيو تعلقي سڪرنڊ ۾ ڪجهه اهڙا اسڪول به آهن جتي جيڪڏهن پنجاهه ٻار آهن ته اتي پنج استاد مقرر ٿيل آهن ۽ ڪجهه وري اهڙا اسڪول به آهن جتي هڪ سئو کن ٻار آهن پر اتي استاد ٽي کان چار مس هوندا ان سلسلي ۾ سماجي شخصيت منظور علي زرداري ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺ گهنڊيا جي اسڪول ۾ 350 ٻار تعليم حاصل ڪن ٿا بدقسمتي سان 350 / 400 شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ صرف 3 استاد مقرر ٿيل هئا انهن مان هڪ سال اڳ هڪ استاد کي بدلي ڪيو ويو باقي 2 استاد بچيا آهن انهن مان به هڪ استاد بدلي ڪيو ويو باقي بچيو هڪ استاد هڪ استاد ايترن شاگردن کي نه ٿو پڙهائي سگهي ڇو ته ٻارن جو تعداد به گهڻو آهي اسين ڳوٺاڻا اڳ ۾ به اسڪول ۾ استادن جي کوٽ سبب سوشل ميڊيا پرنٽ ميڊيا تي دانهون ڪوڪون احتجاج ڪندا اچون پر ڪو به بالا آفيسر ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن ڪيترائي ڀيرا ايجوڪيشن جا آفيسر اسڪول جو وزٽ ڪرڻ باوجود به استادن کي بدلي ڪيو ٿو وڃي اسان جي اسڪول کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي اسان جي ڳوٺ اسڪول ۾ استادن جي سخت کوٽ آهي هڪ استاد ڪافي تعداد شاگردن جو هجڻ سبب شاگردن جي تعليم متاثر ٿئي پئي اسڪول مان استاد بدلي ڪيا ويا آهن انهن کي واپس اسڪول ۾ مقرر ڪيو وڃي جنهن ڪري اسان جي ڳوٺ اسڪول ۾ str مطابق اجا به 7/8 استاد گهرجن پهرين پي ايس ٽي ۾ جيڪا به پرتي ٿي آهي انهن مان هڪ به استاد نه مليو ٿي چار سو شاگرد هئڻ باوجود به اسان جي اسڪول کي وڌيڪ استاد نه ڏنا ويا اسان کي مڪمل نظرانداز ڪيو ويو بالا آفيسر چاهين ته استاد ڏئي سگهن ٿا اسڪول ۾ جي ايس ٽي جا استاد به مقرر ڪيا وڃن منظور علي زرداري وڌيڪ چيو ته چونڊيل نمائندا ۽ بالا آفيسر پاران اسان جي ڳوٺ جي اسڪول کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي جنهن تي ڳوٺ جي ٻارن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي اسان وري به تعليم جي وزير سيد سردار شاهه صاحب ڊائريڪٽر پرائمري شهيد بينظيرآباد ڊي اي او ايجوڪيشن شهيد بينظيرآباد ۽ وس وارن عملدارن کي اپيل ڪنداسين ته ڳوٺ گهنڊيا گورنمينٽ بوائز پرائمري ايلمينٽري اسڪول سيميس ڪوڊ 417030088 اسڪول ۾ ايس ٽي آر مطابق استاد ڏئي استادن جي کوٽ پوري ڪئي وڃي.

سڪرنڊ گورنمينٽ بوائز پرائمري ايليمينٽري اسڪول گهنڊيا ۾ استاد ٻارن کي تعليم ڏيندي

سڳيون ۾ ڪامريڊ غلام قادر چنا جي پلاٽ تي مبينا قبضي خلاف احتجاج

پلاٽ تي زبردستي قبضو ڪرڻ ۽ ٻاهيون ڏيندڙن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو

ڪامريڊ غلام قادر چنا جي پلاٽ تي منشي علي مراد تنور قبضو ڪرڻ چاهي ٿو: مظاهرين

سڳيون (ن ع) جسقم تعلقي سوڀوديرو جي صدر ڪامريڊ غلام قادر چنا جي پلاٽ تي مبينا زبردستي قبضو ڪرڻ ۽ ڌمڪيون ڏيندڙن جي گرفتاري لاءِ قومي ڪارڪنن جسقم ضلع خيرپور ميرس جي قائم مقام صدر ڪامريڊ عاشق علي چنا ڪامريڊ غلام قادر چنا ڪامريڊ شهميرڪامريڊ رياض منو سڪندر سهتو الهنواز سهتو امير علي سهتو نذير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ محمود چنا ٿاڻي جي گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ قومي ڪارڪنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪامريڊ غلام قادر چنا جي پلاٽ تي منشي علي مراد تنور قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جنهن مشهور چور ياسين چنو کي چرچ ڏئي ڪامريڊ غلام قادر چنا جي پلاٽ تي بيٺل وڻن ۽ ٻوڙن کي ٻاهيون ڏياري ساڙي ڇڏيو آهي جنهن جي اين سي حد جي پوليس محمود چنا ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي پر پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ٿي ڪري جيڪا سراسر زيادتي آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي پلاٽ تي قبضو ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ٻئي پاسي الزام هيٺ آيل نہ منشي علي مراد تنور رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته جاتايل پلاٽ 2024ع ۾ فقير نزاڪت علي منگي کان خريد ڪيو هو ۽ ٽي ڏينهن اڳ ڪامريڊ غلام قادر ان پلاٽ تان وڻ ودرايا هئا جنهن جي اين سي پڻ داخل ڪرائي هئي ۽ هاڻي اسان پلاٽ تي ڪم شروع ڪيون پيا ته اجايو واويلا ڪئي پئي وڃي.

سڳيون ڪامريڊ غلام قادر چنا جي پلاٽ تي مبينہ قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

شهدادپور پوليس جي ڪاروائي، آئيس جا 2 ڊيلر گرفتار

شهدادپور(ن ع) شهدادپور پوليس جي ڪاروائي آئيس جا 2 ڊيلر گرفتار ايس ايڇ او شهدادپور عمران چانڊيو موجب جتيا پل وٽ ائتو ڪار کي روڪي ٻن ڄڻن منشيات فروشن سانگهڙ واسي قضافي نظاماڻي ۽ هارون نظاماڻي کي گرفتار ڪري هڪ سو 100 گرام آئيس هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو.

سنڌ پريس ڪلب سڪرنڊ جي سال 2026 لاءِ نئين چونڊ ٿي گذري

سڪرنڊ (س ر) سنڌ پريس ڪلب سڪرنڊ جي سال 2026 لاءِ نئين چونڊ، اليڪشن ڪاميٽي جي چيئرمين شهري اتحاد جي سرپرست اعلي نياز لاشاري ۽ ٻن ميمبرن سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي ۽ ميڊيا سينٽر جي صدر قرباڻ علي عمراڻي جي نگراني ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ صدر نياز چانڊيو سينئر نائب صدر ممتاز علي سيال، نائب صدر خليل احمد راجپوت، جونيئر نائب صدر وزير علي لغاري، جنرل سيڪريٽري واحد بخش عمراڻي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري اصغر علي لاڪو جوائنٽ سيڪريٽري راجا نور محمد جتوئي، پريس سيڪريٽري نثار علي ڪلر خزانچي عبيد الله ڪيريو انفارميشن سيڪريٽري علي بهار ملاح ۽ آفيس سيڪريٽري اعجاز ٻرڙو چونڊجي ويا، ان موقعي تي ميڊيا سينٽر جي جنرل سيڪريٽري مهتاب علي جمالي، ايس يو پي جي جاکوڙي ڪائونسلر سيد غلام مصطفي شاهه شوڪت حسين ميمڻ ۽ ٻين شهرين سنڌ پريس ڪلب پهچي سمورن نون چونڊيل عهديدارن ۽ اليڪشن ڪاميٽي کي گلن جا هار پارائي کين مبارڪون ڏنيون.

عمر ڪوٽ جي ڳوٺ جانڙو واسين جو ميرپورخاص ۾ احتجاج

علائقي جي بااثر پاران گهروواري واري سان دوستي رکڻ جو چيو: نٿو ڪولهي

منع ڪرڻ تي بااثر مچرجي پيا آهن ڳوٺ مان لڏائڻ سميت موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) علائقي جي بااثر پاران گهرواري واري سان دوستي رکڻ جو چيو منع ڪرڻ تي بااثر مچرجي پيا آهن ڳوٺ مان لڏائڻ سميت موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن خوف سبب گهرن کان ٻاهر نٿا نڪري سگهون علائقي جي بااثرن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي اهڙي شڪايت ڏي آئي جي ميرپورخاص کي پڻ ڏني آهي معاملو جوڙي واسطيدار اختيارين کان پر زور مطالبو ڪندي چيو ته علائقي جي بااثرن جي زيادتين جو نوٽس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي. عمر ڪوٽ جي ڳوٺ جانڙو واسي ڳوٺاڻي نٿو ڪولهي پنهنجي گهرواري تاري پيل سان گڏ ميرپورخاص پهچي صحافين اڳيان دانهيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته علائقي جا ڪجهه بااثر ماڻهو گهرواري سان دوستي ڪرڻ سميت جنسي حراسان ڪري رهيا آهن انڪار ڪرڻ تي علائقي جا بااثر مچرجي پيا آهن ڳوٺ مان بي دخل ڪرڻ سميت گهرن کي باهيون ڏئي ساڙڻ سميت گهرواري کي زوري اغوا ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن.

ميرپورخاص ڳوٺ جانڙو واسي بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

سرهاري پرسان گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ۾ سامان تقسيم

سرهاري(ن ع) سرهاري پرسان ڪڍهر جي علائقي ڳوٺ الله رکيو جمالي ۾ قائم گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ۾ عالمي سماجي اداري يونيسيف پاران استاد محمد خان جمالي جي تعاون سان اسڪول جي غريب ۽ مستحق شاگردن ۾ بيگ ۽ اسٽيشنري جو سامان ورهايو ويو جنهن سان اسڪول جي معصوم ٻارن جي چهري تي خوشي جون مرڪون پکڙجي ويون جڏهن ته اسڪول جي هيڊماسٽر محمد ياسين جمالي ڳوٺ جي معزز شخصيت حاجي شاهه بخش جمالي سميت استاد، شاگرد ۽ ٻيا ڳوٺاڻا پڻ موجود هئا. اسڪول ۾ لڳ ڀڳ 265 شاگردن ۾ بيگ ۽ اسٽيشنري جو سامان ورهايو ويو ان موقعي تي اسڪول جي هيڊماسٽر ۽ استادن محمد خان جمالي ميرڻ جمالي، عامر جمالي، ظهير احمد جمالي نور احمد جمالي دلدار جمالي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي ۽ اهو حق بنا ڪنهن فرق جي هر ٻار تائين پهچڻ گهرجي. هنن چيو ته سنڌ سرڪار معياري تعليم جي بهتري لاءِ سنجيده ڪوششون ڪري رهي آهي. آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪيل اعليٰ تعليم يافته استادن جي مقرري بعد ڪيترائي بند پيل اسڪول بيهر کلي ويا آهن جتي ٻارن کي بهتر تعليم سان گڏ سٺي تربيت پڻ ڏني پئي وڃي هنن وڌيڪ چيو ته اسڪول ۾ اڃا تائين فرنيچر جي شديد کوٽ آهي جڏهن ته ڳوٺ ۾ گرلز هاءِ اسڪول جي پڻ سخت ضرورت آهي، ته جيئن نياڻين کي تعليم لاءِ پري نه وڃڻو پوي. استاد محمد خان جمالي ۽ حاجي شاهه بخش جمالي جو وڌيڪ چوڻ هو ته ٻار قوم ۽ ملڪ جو مستقبل ۽ قيمتي سرمايو آهن والدين کي گهرجي ته هو پنهنجن ٻارن کي باقاعدگي سان اسڪول موڪلين ۽ کين بهتر تعليم ڏياري مستقبل جا معمار بڻائين.

ٽنڊو محمد خان ۾ نوجوان ليکڪ راجا الطاف جي ڪتاب تي فڪري ادبي ويهڪ

نوجوان ليکڪ راجا الطاف موضوعاتي ڪتاب سنڌي ادب جي جهول ۾ وڌا آهن: مقررين

انساني لغت ۾ جيڪو به تصور آهي سو انساني آهي، سائنسي انقلاب آيو ته انسان خوش ٿيو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين طرفان نوجوان ليکڪ راجا الطاف جي مارڪسي اخلاقيات بابت سنڌي ۾ ترجمي ڪيل ڪتاب تي فڪري ادبي ويهڪ ڪري سندس علمي ادبي خدمتن کي ساراهيو ويو آهي. ٽنڊو محمد خان جي ساس آفيس ۾ منعقد ڪيل نوجوان ليکڪ ۽ ترجمي نگار راجا الطاف طرفان سنڌي ۾ ترجمو ڪيل نامور اردو ليکڪ راجا انور جي ڪتاب مارڪسي اخلاقيات تي فڪري ويهڪ کي سنڌ جي ناليواري اديب دانشور جامي چانڊيو صدارتي خطاب ڪندي چيو ته نوجوان ليکڪ راجا الطاف موضوعاتي ڪتاب سنڌي ادب جي جهول ۾ وڌا آهن مارڪسي اخلاقيات نالي تصور مارڪس جي حياتي ۾ نه هو ڪو به فلسفي سيني موضوعن تي نٿو لکي سگهي اخلاقي قدر بدلبا رهندا آهن هن چيو ته انساني لغت ۾ جيڪو به تصور آهي سو انساني آهي سائنسي انقلاب آيو ته انسان خوش ٿيو سائنسي انقلاب وڏو خوف ختم ڪيو ۽ پوءِ سڀ ڪم پورا ٿي نه سگهيا ان وقت جي به اها تقاضا هئي ته مذهب ۽ رياست کي الڳ الڳ ڪريو انسان کي انفرادي ۽ اجتماعي آزادي ڏيو چرچ ۽ ڪليسا پنهنجي اخلاقيات مڙهي چاهڻ جو مذهبن جي اخلاقيات انساني وجود کي آزاد نٿي سمجهي، رياستون جابر ٿي وينديون آهن ان جي باوجود به خوف ۾ ورتل آهن سچو نظام وهم ۽ عقيدي پرستيءَ ۾ جڪڙيل آهي مارڪسزم عقيدو ناهي اهو طريقيڪار آهي سائنسي فڪر ۽ فلسفو آهي جنهن تي به تنقيد ڪري سگهجي ٿي هن چيو ته اهو فيصلو ڪرڻ اسانجو ڪم آهي ته استحصال خلاف ڪيئن وڙهبو مزاحمت جو به وسيع علمي ادبي ثقافتي معاشي انقلابي تصور آهي جيڪو زندگيءَ کي حسين بڻائي ٿو ۽ قوم جو حسين تصور اهو ئي درست آهي جنهن ۾ عام ماڻهو جي ڳالهه آهي.

مورو پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو

مورو(ن ع) مورو پوليس اسٽيشن جي حد ۾ طارق پيٽرول پمپ جي ويجهو نيشنل هاءِ وي تي مورو پوليس پيٽرولنگ دوران ڏوهه ڪرڻ جي ارادي سان بيٺل ڌوهارين سان مبينا مقابلو ٿي پيو جنهن ۾ هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته ٻيا ساٿي فرار ٿي ويا. زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ مختيار عرف منو پٽ محرم ماڇي جيڪو شاهپورجهانيان جو رهواسي آهي، جي نالي سان ڪئي وئي آهي. مورو پوليس ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر جو چوڻ آهي ته پوليس گشت ڪري رهي هئي ته ڏوهه جي ارادي سان بيٺل جوابدارن سان مقابلو ٿيو ۽ هڪ جوابدار مختيار عرف منو ماڇي زخمي ٿيو ۽ گرفتار ڪيو ويو جنهن جي قبضي مان هڪ غير قانوني پستول ۽ چوري ٿيل موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي. زخمي جوابدار کي علاج لاءِ مورو اسپتال آندو ...

خيرپور پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪارروايون، 3 ڄڻا گرفتار

ڌاڙيل گروهن جي سهولتڪار زاهد شاهه کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

خيرپور(ڊ ر) ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو خيرپور جي چارج سنڀالڻ بعد ڌاڙيل گروهن جي سهولتڪارن، اشتهاري ڌوهارين ۽ منشيات سپلائرن خلاف ڪاروائين جو آغاز ڪيو ويوجيڪي روزانو بنيادن تي جاري آهن.خيرپور پوليس جي ترجمان وقار سومرو پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب، ٻبرلو پوليس وڏي ڪاروائي ڪندي ڌاڙيل گروهن جي سهولتڪار زاهد شاهه کي گرفتار ڪيو آهي. پوليس کافي عرصي کان زاهد شاهه جي تلاش ۾ هئي ۽ آخرڪار ڪامياب ڪاروائي بعد کيس گرفتار ڪيو ويو.انهيءَ دوران ڪوٽ ڏيجي پوليس ڪامياب ڪاروائي ڪندي اشتهاري ڌوهاري شوڪت ڦلپوٽو کي گرفتار ڪيو آهي. جڏهن ته ڪنگري پوليس منشيات جي سپلائر انيس جتوئي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 800 گرام چرس هٿ ڪيو آهي.گرفتار ڪيل جوابدارن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي.

حيدرآباد پوليس پاران لاڙڪاڻي پوليس ٽريننگ سينٽر جي اي ايس آءِ کي هاف فرائي ڪرڻ وارو معاملو

راهوڪي ٿاڻي جي اي ايس آئي عرفان سهيو شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي بنا وارنٽ گهر تي چڙهائي ڪئي: اصغر علي شاهه

پوليس مون سوڙ منهنجي پاڻيجي ۽ پاڻتي سوڙ هڪ ملازم کي اکين تي پٽيون ٻڌي کڻي ويا، آزاي لاءِ 20 لک گهريا

رشوت نه ڏيڻ تي رات ڏاري ٿاڻي تان اکين تي پٽيون ٻڌي مونکي اڻڄاتل هنڌ تي کڻي وڃي جنگهه ۾ گولي هڻي هاف فرائي ڪيو

پوليس پروٽيڪشن ڏيڻ بدران مونکي ڪوڙي مقابلي ۾ زخمي ڪري ڇڏيو جيڪو ظلم آهي بااثر وڏيري جي ٺنگاري ٺهيل آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد پوليس پاران 20 ڏينهن اڳ مبينا پوليس مقابلي جي زخمي لاڙڪاڻي پوليس ٽريننگ سينٽر جي اي ايس آءِ ۽ حال حيدرآباد جي علائقي ٽنڊو حيدر جي رهواسي سيد اصغر علي شاهه ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته حيدرآباد جي ٿاڻي راهوڪي جي اي ايس آئي عرفان سهيو شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي بنا وارنٽ ۽ بنا ليڊيز پوليس جي منهنجي گهر تي 20 کان 25 اهلڪارن سان گڏ رات ڏاري چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو ۽ گهر سان تلاشي جي بهاني پيچ ڊاهه ڪئي ۽ عورتن ٻارن سوڙ مردن کي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو جڏهن ته پوليس مون سوڙ منهنجي پاڻيجي ۽ پاڻتي سوڙ هڪ ملازم کي اکين تي پٽيون ٻڌي کڻي ڪاهي وئي ۽ گهر ۾ بيٺل ڪار پڻ کاهي وئي. جڏهن ته ٿاڻي تي لاڪپ ڪرڻ کانپوءِ آزاد ڪرڻ لاءِ 20 لک رپيا رشوت گهري جيڪا نه ڏيڻ تي رات ڏاري ٿاڻي تان اکين تي پٽيون ٻڌي مونکي اڻڄاتل هنڌ تي کڻي وڃي جنگهه ۾ گولي هڻي هاف فرائي ڪيو ۽ ڪوڙي پوليس مقابلي ۽ 13 ڊي جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ۽ ايس ايڇ او نور شهباز رند ۽ وڏو منشي منهنجي پاڻتي، پاڻيجي ۽ ملازم کي هڪ بااثر وڏيري جي مداخلت تي 3 لک رپيا رشوت وٺي آزاد ڪيو. هن چيو ته راهوڪي پوليس جي زيادتين خلاف عدالت سڳوري ۾ تحفظ جي داخل درخواست تي مون کي پروٽيڪشن ڏيڻ جو حڪم جاري ٿيل آهي پر پوليس پروٽيڪشن ڏيڻ بدران مونکي ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ زخمي ڪري ڇڏيو جيڪو ظلم آهي. هن چيو ته پوليس سموري ڪارروائي هڪ بااثر وڏيري جي چيچ تي ڪئي آهي، هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ سوڌو اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي ته جاڃاڻيل ملازمن جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

رسول آباد ۾ ٽي بي ڪنٽرول پروگرام تحت هڪ ڏينهن جي ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

هنگورجا(ن ع) سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن هنگورجا شاخ سرسو (SRSO) جي تعاون سان ڳوٺ خير محمد ڪانوري بجل پنهري يونين ڪائونسل رسول آباد ۾ ٽي بي ڪنٽرول پروگرام تحت هڪ ڏينهن جي ميڊيڪل ڪئمپ لڳرائي وئي جنهن ۾ ماڻهن جي بلغم ٽيسٽ ۽ ايڪسري وغيره مفت ۾ ڪيا ويا. ٽيم ۾ شامل ڊاڪٽر منتظر مهدي پنهور صاحب، محترم خالد حسين مگرين ڏيشان احمد ميمڻ ۽ افتخارحسين لاشاري جن شامل آهن سگا هنگورجا شاخ جي ساٿين عبد السميع پنهور صدر غلام جعفر ڪانوري جنرل سيڪريٽري، غلام علي سور سنڌي ميمبر CEC، غلام شبير تنيس غلام سرور تنيس رحيم بخش سيال جن شرڪت ڪئي ڳوٺاڻن ۾ علي ڏنو ڪانوري، آصف علي ڪانوري، گل حسن ڪانوري، عبدالرزاق ڪانوري، راشد علي جراح ڪئمپ جي ڪار رهنوار ۾ سهڪار ڪيو.

وڳڻ ۾ محرم وڳڻ ۽ شاهد وڳڻ جو بااثر چاچي خلاف

وڳڻ(ن ع) وڳڻ محلي جا رهواسي محرم وڳڻ ۽ شاهد وڳڻ احتجاج دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌن بااثر چاچو ۽ سئوٽ مختلف طريقن سان کين حراسان ڪري رهيا آهن ۽ سنڌن والد جي موروثي ملڪيت سميت ذاتي جڳهه تي زبردستي قبضو ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن هنن الزام هڻندي چيو ته قبضي جي مزاحمت ڪرڻ تي کين ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون. هنن وڌيڪ چيو ته گذريل رات وڳڻ پوليس سنڌن ڀاءُ ثناءَ الله وڳڻ کي بنا جواز ڪنهرائي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ پوءِ وڳڻ ٿاڻي تي لاڪپ ڪري ڇڏيو جيڪو سراسر ناانصافي ۽ اختيارن جو ناجائز استعمال آهي احتجاج ڪندڙ پاڻين چيو ته هو پورهيت ۽ غريب ماڻهو آهن سنڌن کو به بااثر سهارو ناهي، جڏهن ته مخالف ڌر اثر رسوخ استعمال ڪري کين بي دخل ڪرڻ چاهي ٿي هنن اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميه ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي جڳهه تان غيرقانوني قبضو ختم ڪرايو وڃي ...

ٽنڊوڄام ۾ ايس ٽي پي ڪارڪنن جو پوليس خلاف احتجاج روڊ بلاڪ

ضلعي صدر جان محمد جوڻيجو ۽ ممتاز سراز جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

پوليس ايس ٽي پي ڪارڪن صدورو خاصخيلي کي کڻي غائب ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ٽنڊوڄام(ا ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي ٽنڊوڄام جي ڪارڪنن پاران مبينا ايس ٽي پي ڪارڪن کي گرفتاري خلاف ضلعي صدر جان محمد جوڻيجو ممتاز سراز جي اڳواڻي ۾ مير ڪالوني اسٽاپ وٽ حيدرآباد ميرپورخاص روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو انهي موقعي تي احتجاج ڪندڙ ٽنڊوڄام پوليس خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪندا رهيا جڏهن ته روڊ بلاڪ ٿيڻ سبب ٻنهي پاسي گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون انهي موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس بااثر وڏيري جي ٺنگار رهندي ايس ٽي پي ڪارڪن صدورو خاصخيلي کي کڻي غائب ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي ٽي ڏينهن گذرڻ باوجود ظاهر نه پيو ڪيو وڃي هنن چيو ته جيڪڏهن ڪارڪن خلاف ڪو ڪيس آهي ته ڪيس ظاهر ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪري، هنن چيو ته پوليس نوجوان صدورو خاصخيلي کي ظاهر ڪرڻ بجاءِ لاپتا قرار پئي ڏي هنن گهر ڪئي ته ڪنهي گم ڪيل نوجوان کي فوري طور ظاهر ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو ٻئي پاسي ايس ايڇ او ٽنڊوڄام قرباڻ عاقلاڻي جو چوڻ آهي ته صدورو خاصخيلي کي گرفتار ناهي ڪيو ان جي خلاف ڦر جو ڪيس داخل ٿيل آهي، جنهن ڪري سندس ڳولا ڪئي پئي وڃي.

ٽنڊوڄام ايس ٽي پي پاران پوليس خلاف روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۾ گندو پاڻي نيڪال نہ ٿيڻ خلاف دڪاندارن جو احتجاج

فيض ميڊيڪل سينٽر آڏو گندو پاڻي بيهڻ جي شڪايت ڪئي: مظاهرين

هنگامي بنياد تي ڊاڪٽر مشتاق ڦل جو مسئلو حل ڪيو وڃي: دڪاندارن جي گهر

خيرپور(ڊ ر) خيرپور لڳ ڪنب جي مشهور ڊاڪٽر سنڌي ادبي سنگت اڳواڻ مشتاق ڦل جي ڪلينڪ فيض ميڊيڪل سينٽر آڏو گندو پاڻي ڪيترن ئي مهينن کان بيٺل ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي اڳواڻي ۾ دڪاندارن پاران احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽر مشتاق ڦل ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آئون پاڻ سابق صوبائي وزير منظور حسين وساڻ کي فيض ميڊيڪل سينٽر آڏو گندو پاڻي بيهڻ جي نيڪال ڪري مستقبل لاءِ ڪم ڪيا وڃن پر افسوس آهي سابق صوبائي وزير منظور حسين وساڻ جي چوڻ باوجود فيض ميڊيڪل سينٽر آڏو بيٺل گندو پاڻي نيڪال ناهي ٿي سگهيو گذريل ڪيترن ئي مهينن کان اسان ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين ٽائون آفيسر سياسي ماڻهن کي چوندا اچون پيا اسان جو جائز مسئلو حل ڪيو وڃي فيض ميڊيڪل سينٽر تي ايندڙ مريضن سميت پنجاهه کان وڌيڪ دڪاندار ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isd. Ph: 2823277

Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 28 جنوري 2026ع

سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ، توانائي جي نالي ۾ ڪيل ڪاريگري

سنڌ، جيڪو توانائي جي کوٽ، مهانگائي ۽ ماحولياتي بحرانن کي منهن ڏئي رهيو آهي، اتي سولر انرجي جهڙا منصوبا اميدن جو استعارو سمجهيا ويندا رهيا آهن. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ به ٻين ڪيترن ئي سرڪاري منصوبن وانگر ڪرپشن، بي ضابطگين ۽ غير شفافيت جي ور چڙهي ويو آهي. 27 ارب رپين جي هن وڏي منصوبي ۾ ڪيترن ارب رپين کان وڌيڪ بي ضابطگين جا الزام ۽ رپورٽون سنجيده آهن پر اهي سنڌ ۾ حڪمراني، نگراني ۽ احتساب جي نظام تي به وڏا سوال اٿارين ٿا. اينٽي ڪرپشن کاتي جي جاچ ڪانئو ۽ جڏهن نيب باضابطه انڪوائري شروع ڪئي آهي ته اهو واضح اشارو آهي ته معاملو معمولي نه پر گهري ۽ منظم بدعنوانيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. نيب ڪراچي پاران سنڌ حڪومت جي لاڳاپيل آفيسرن کي خط لکي تفصيل طلب ڪرڻ، دستاويز گهرڻ ۽ فنڊز جي غلط استعمال بابت شڪ ظاهر ڪرڻ ان ڳالهه کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو ته سولر انرجي پراجيڪٽ جي نالي ۾ قومي خزاني سان کيڏ ڪيو ويو آهي.

سوال اهو آهي ته جيڪو منصوبو سنڌ جي غريب عوام کي سستي ۽ صاف توانائي مهيا ڪرڻ لاءِ شروع ڪيو ويو اهو آخر ڪيئن ڪرپشن جي علامت بڻجي ويو؟ ابتدائي ڄاڻ موجب سولر ڪٽس جي خريداري، انڊر انوائسنگ، ڪسٽمز ڊڪليئريشن ۽ ڪليئرنس ۾ سنگين تضاد ڏيکاريندڙن ٽوڙي پروڪيورمينٽ ۾ مشڪوڪ طريقا استعمال ڪيا ويا. اهي سڀ عنصر ڳالهه کي هڪ اهڙي تصوير ڏاهين ٿا، جنهن ۾ منصوبابندي کان وٺي عملدرآمد تائين شفافيت جو سخت فقدان نظر اچي ٿو. نيب پاران اينٽي ڪرپشن کي وڌيڪ ڪارروائي کان روڪڻ جي هدايت ۽ پاڻ مڪمل انڪوائري ڪرڻ جو فيصلو به ان ڳالهه جي عڪاسي ڪري ٿو ته معاملو هاڻي اعليٰ سطح جي جاچ جو طلبگار بڻجي چڪو آهي. پر سنڌ جي عوام جو تجربو رهيو آهي ته اهڙيون جاچون گهڻو ڪري فائلن ۾ دفن ٿي وڃن ٿيون. نتيجا گهٽ نڪرندا آهن ۽ اصل ذميوار آفيسر بچي نڪرندا آهن ان ڪري هن ڀيري نيب ۽ ٻين ادارن لاءِ اهو هڪ امتحان آهي ته ڇا واقعي احتساب ٿيندو يا رڳو خبرن جي سرخين تائين محدود رهندو؟ ان معاملي ۾ سياسي سطح تي به تحرڪ ڏسڻ ۾ آيو آهي. پي ٽي آءِ جي ايم پي اي ۽ انرجي بابت اسٽينڊنگ ڪاميٽي جي چيئرمين پاران انرجي کاتي جي سيڪريٽريءَ کان تفصيلي معلومات طلب ڪرڻ ۽ اسٽينڊنگ ڪاميٽي جي اجلاس سڏائڻ جو اعلان هڪ مثبت قدم آهي. سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽي پاران به سولر پراجيڪٽ بابت سوال اٿارڻ اهو ثابت ڪري ٿو ته معاملو رڳو صوبائي نه پر قومي سطح تي به ڳڻتي جو سبب بڻجي چڪو آهي. پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا اهي سوال جواب تائين پهچندا؟ ڇا پراجيڪٽ جي بجيٽ، خريد، بلز، ادائيگيون، ڪنٽريڪٽس، سپلائرز جي چونڊ ۽ ڪسٽمز رڪارڊ واقعي شفاف نموني عوام آڏو آندو ويندو؟ يا وري روايت موجب ڪجهه قرباني جا ٻڪر ڳولي معاملو ختم ڪيو ويندو؟

سنڌ جهڙي صوبي لاءِ، جتي بجليءَ جو بحران، لوڊشيڊنگ ۽ مهانگي توانائي سبب عام ماڻهوءَ جي زندگي عذاب بڻيل آهي، اتي سولر انرجي جهڙا منصوبا رڳو ترقياتي اسڪيمون نه پر عوامي اميدن جو مرڪز آهن. جڏهن اهڙين منصوبن ۾ به اربين رپين جي ڪرپشن ٿئي ٿي ته اهو صاف ظاهر آهي ته حڪمرانن جون ترجيحون عوام نه پر پنهنجا مفاد آهن. هي وقت رڳو جاچ شروع ڪرڻ جو نه، پر هڪ مثال قائم ڪرڻ جو آهي. نيب، اينٽي ڪرپشن، اسيمبلين جون اسٽينڊنگ ڪاميٽيون ۽ عدالتي ادارا جيڪڏهن واقعي سنجيده آهن ته نه رڳو ملوث آفيسرن جي مڪمل فهرست سامهون آڻڻ گهرجي، پر انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي به ڪرڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ به انهن ڪيترن ئي اسڪينڊلن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويندو جيڪي وقت سان وسري ويا پر سنڌ جي عوام کي اونداهي ۾ ڇڏي ويا.

”پڇارون پنهنجيون ۽ ساروڻيون سڄڻ جون“ تي هڪ نظر!

نواب علي راهو

ڪُوڙَ پاڙُون پاتارِ ۾، پُوڙَ ڀري آڪاسَ؛
ٻَنِين سَنڌي ڳِالِهڙِي، رازَقِ آندِي راسِ؛
ٿُهن عِشق کي شاباسِ، جَنِهن مَحبَتي مِيڙيا. (شاهه لطيف)

اَڻيءَ ڪتاب جي مصنف محترم الهه بچايو شاهه جن جو مشڪور آهيان، جن پنهنجي ڪتاب ”پڇارون پنهنجيون ۽ ساروڻيون سڄڻ جون“ جي تقريب رونمائيءَ جي دعوت نهايت پاٻوهه سان ڏني ان حُب ۽ محبت ڪتاب تي پنهنجا ويچار ونڊڻ تي آتساهيو آهي اولاد عزيز هجي ٿو پر پنهنجو لکيل ڪتاب به اولاد جهڙوئي مٺو ٿئي ٿو اها پهرين تصنيف هجي، تاليف هجي يا تدوين يعني تخليقي تحرير هجي Compilation (مواد جو سهيڙڻ هجي) يا ڪتابي شڪل ڏيڻ هجي، اهو عرق ريزيءَ جو ڪم آهي ان لاءِ جنون گهرجي، Passion، مستقل مزاجي ۽ عشق گهرجي

عشق ناهي رانڊ جا ڪيڏندا ڳيرو،
مسئيءَ نيري پانڊ، اُچل ته اڏ ٿئي!

اهو سائينءَ جن جو عشق ئي آهي، علم ادب سان تصوف جي پانڌيئڙن سان روضي ڌڻيءَ جي درگاهه ۽ سلسلي سان روحانيت جي راهه تي سفر ڪندڙ هر متلاشيءَ سان

سائين سيد الهه بچايو سان مخدوم غلام رسول جي اوطاق تي ڪچهري ڪندي خليفي محمود نظامانيءَ رح جو هڪ واقعو بيان ڪيو ته پاڻ مون کي ساراهيندي فرمايو ته اوهان اسانجي سلسلي جي ڪافي ڄاڻ رکو ٿا، هاڻ هڪڙو واعدو ڪيو ته هڪ راز افشان ڪيان سائين حڪم ڪيو، مون وراڻيو سائينءَ ٻڌايو ته عنقريب مذڪوره ڪتاب جي مهورت ڳوٺ سيد يار محمد شاهه اڏيرو لعل ۾ رکندو، ان ۾ مونکي ضرور اچڻو آهي انهيءَ حُب ۽ هُجت سان ڏنل ڪوٺ کي شاهه لطيف جي لفظن ۾ ”تنهن وير ڪيوم وڃن ويڙيچن سين“ دراصل محمد راشد روضي ڌڻي رح، درگاهه حرجماعت ۽ ان جي نظم ۽ ضبط، مفتي صاحب پير ڳوٺ، مدارس راشديه، بزرگ محمد اسماعيل پريلوي، ڪامل ولي ۽ پنهنجي وقت جو جيد علم محمد قاسم مشوري رح ۽ سلسلي سان لاڳاپيل ولي الله بزرگ هستين ۽ ذڪر اذڪار وغيره بابت گهڻي ڄاڻ مرحوم چاچي حاجي محمد حسن راهوءَ ڪان ملي، جنهن کي گهڻا جماعتي بشمول محمد بچل سانگري ”حافظ ملفوظات شريف“ تصور ڪندا هئا، انڪري درگاهه سان منسلڪ معلومات جي سَٽي ڳهراڻ ٿي پيئي آهي

ويئي جنين وٽ ڏکندو ڏور ٿئي، / تَن تنين سين ڪَٽ لوڏا اڏي پکڙا

هاڻ اچون ٿا ڪتاب طرف: ڪتاب جي سَر ورق تي ”پڇارون پنهنجيون ۽ ساروڻيون سڄڻ جون“ پڙهندي ئي ڪشش محسوس ٿي مصنف جي سادي طبيعت ۽ موهيندڙ ٽائيٽل مون کي ٿوري دير لاءِ حيرت ۾ وڌو ته ذهن جي ڪنڊ مان انگريزي چوڻي ڪُر ڪنيو، ”Don't judge a book by its cover“

ان جو مطلب آهي ته ڪنهن به شيءِ يا انسان جو ٻاهريون نما، ڏيک ۽ حليي مان اندازو لڳائڻ نه گهرجي ڪتاب کي پڙهيم ته سڌ پئي مارا هي ته سائينءَ جي آتم ڪٿا به آهي ته ٿر يعني علائقي جي تاريخ به، سائينءَ پنهنجي آسپاس، پسگردائيءَ جي اسڪولن ادارن ڳوٺن مڪانن ۽ واسطيدار ماڻهن کي وڻندڙ اسلوب سان قلمبند ڪيو آهي سائينءَ جو Diction، اندازِ بيان، طرزِ تحرير، ٻوليءَ جي جوڙ ۽ رواني‌ءَ سان اظهار نج سنڌي ۽ سُرنهن جي ڦلهڙين جهڙو ٻهڪندڙ آهي سائينءَ ڪتاب ۾ ڪافي اهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن جيڪي نئين نسل جي استعمال کان ڏور ۽ گهٽ ڪري روزمره جي استعمال مان گم ٿي ويا آهن جهڙوڪ چيري نيبري، اَوِي اسڪول جو وقار، ڇيهو وغيره اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي ناياب خزاني کي وسارڻ نه گهرجي ڪتاب ۾ ميلن ملاڪڙن ملهن ميلا لڳرائيندڙن مشهور ڪردارن بابت به ڄاڻ ڏني وئي آهي، جيڪا تحقيق ڪندڙن لاءِ Firsthand Knowledge يعني بنيادي ڄاڻ طور ڪُتب آندي ويندي

شخصيتون ۽ انهن جا خاڪا: اهو وڏو ڪم آهي، ڪنهن به شخصيت تي لکڻ سولو ناهي ڪوڙ سارين شخصيتين بابت ڄاڻ ملي ٿي سائين ڪثير تعداد درگاهن ۽ مقدس زيارتن جو ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ ملڪ جون نالي‌واري درگاهون جهڙوڪ روضي ڌڻي رح، شاهه لطيف رح، قلندر لال شهباز رح، لڪي شاهه صدر، سچل سرمست رح، سرور نوح رح، عبدالرحيم گرهوڙي رح، شاهه يقيق رح، پرچوندي رح، خواجه زمان لنواري شريف رح، داتا علي هجويري رح، ملتان ۽ اُچ شريف ۽ بُلا شاهه قصور، درگاهه فريدالدين شڪر گنج وغيره، ايران ۽ حرمين شريفين جون زيارتون شامل آهن سيئي پيارا سيئي الله وارا پنهنجو وارو وڄائي ويا آهن شيخ اياز چوائي ته:

آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه مٺيا، / پر مون کي اهي مڙس وڻيا،
جي سارو جڳ جرڪائي ويا، / پر پنهنجو پاڻ پلائي ويا!

جيئن ته منهنجي نسبت تعلق سائين قبلا محمد شاهه جيلاني رح جن سان آهي، انهن جي رحلت ۽ سنڌن آخري آرامگاهه متياري، يعني درگاهه جو متياريءَ ۾ قائم ٿيڻ بابت مصنف کي مصدق معلومات نه ملي سگهي آهي غلامان قلندر تنظيم جي باني عاشقان رسول ﷺ احمد علي قريشي عرف بابا سائين متعلق پڙهي خوشي ٿي سائين يوسف شاهه رح جن کي فيض منهنجي مرشد جي والد سيد نظر محمد شاهه کان مليل آهي منهنجي ڄاڻ ۾ اضافو ڪيو سائين الهه بچائي شاهه نه صرف مٿين ڳالهين يا موضوعن تي لکيو آهي پر نوڪريءَ دوران جيڪي سنڌس دوست ٿيا، گڏ رهيا، انهن بابت ۽ ڪجهه ڪُل جهڙن

آمريڪا جا 250 سال: قومي سگهه، خودمختياري ۽ پاڪستان سان ڳنڍيل پائيداري جا موقعا

نيٽلي اي بيڪر

ناظم الامور، آمريڪي سفارتخانو اسلام آباد، پاڪستان

جيئن ته آمريڪا 2026 ۾ پنهنجي 250هين سالگرهه ڏانهن وڌي رهيو آهي، هي سنگ ميل صرف جشن ملهائڻ جي لاءِ نه پر نئين عزم جي گهڙي پڻ آهي. ’آمريڪا ايٽ 250‘ جو مطلب قومي سگهه جو ٻيهر سرجڻ، جمهوري ادارن کي وڌيڪ سگهارو ڪرڻ، معاشي ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ ۽ حقيقي ٽوٽي ڳنڍيل اصولن تي ٻڌل قيادت جي توثيق ڪرڻ آهي. انهيءَ جذبي سان، آئون پاڪستاني عوام ۽ حڪومت کي جوڙ چاهيان ٿي ته آمريڪا ايندڙ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين پاڪستان کي انتهائي اهم پائيوار جي حيثيت سان ڏسي ٿو.

پائيدار جمهوريت جو سفر

1788ع ۾ منظور ٿيل آمريڪي آئين طاقت جي ورڇ، توازن ۽ احتساب جي اهڙي نظام جي جوڙجڪ ڪئي، جيڪا آزاديءَ جي حفاظت ۽ اختيارن جي مرڪزيت کان روڪڻ لاءِ بيحد ضروري هئي. صدين تائين آمريڪا ڪيترن ئي ڏکين آزمائشن مان گذريو، جن ۾ گهرو ويڙهه به شامل هئي پر ان جي باوجود اسان جو نظام وڌندو ۽ مضبوط ٿيندو رهيو، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته جمهوريت لاءِ مستقل نگراني ۽ سرپرستيءَ جو اعليٰ نظام بيحد ضروري آهي.

پاڪستان جو قومي سفر پڻ لڳاتار استقامت، سڌاري ۽ قومي ترجيحن جي حفاظت سان جُڙيل رهيو آهي، جيڪي ساڳين ئي قدرن سان مطابقت رکن ٿا. سگهاريون قومون ئي مضبوط پائيواريون قائم ڪنديون آهن. جيئن آمريڪا پنهنجي ادارتي نظام جي حفاظت ڪندي ٻين ملڪن جي خودمختياريءَ جو احترام ڪري ٿو، تيئن هو پاڪستان سان به اهڙي ئي پائيواريءَ جو خواهشمند آهي، جيڪا باهمي احترام، برابري ۽ ڳنڍيل مفادن تي مشتمل هجي.

ڳنڍيل پائيواري ذريعي خوشحالي

آمريڪا دنيا جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي معيشت آهي، جيڪا جدت، ڪاروبار، قانوني حڪمراني ۽ مقابلي جي بنياد تي مشتمل منڊين تي ٻڌل آهي. آمريڪي سفارتڪاري منصفائي، ڳنڍيل منافعي واري واپار ۽ حڪمتِ عمليءَ تي ٻڌل پائيواريءَ کي هٿي ڏئي ٿي، جيئن سپلاءِ چين مضبوط ٿئي، معاشي لچڪ کي وڌيڪ جٽاءُ ملي ۽ آمريڪا سميت ٻين سيني ملڪن لاءِ هڪجهڙا موقعا پيدا ٿين. هيءَ پاليسي ”فريڊم-250“ ترجيحن جي بنيادي مقصدن کي اجاگر ڪري ٿي، جيڪي آمريڪا جي بانيڪار قدرن کي مستقبل جي دائمي پرڏيهي پاليسين سان ڳنڍين ٿيون، جيڪي خوشحالي، جدت ۽ پائيدار شراڪتداريءَ تي مرڪوز آهن.

جنوري 2025ع کان پوءِ آمريڪا ۽ پاڪستان جي معاشي رابطن ۾ واضح تيزي آئي آهي. پاڪستان جي وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي وائيٽ هائوس ياترا، ٻطرفي شراڪتداريءَ کي نتيجا خيز مرحلي ۾ داخل ڪرڻ جو واضح عزم هو. اهم معدنيات، ڪاٺن جي کوٽائي ۽ انفرااسٽرڪچر جي شعبن ۾ آمريڪي ۽ پاڪستاني ڪمپنين وچ ۾ معاهدا، جيڪي آمريڪي مالياتي ذريعن جي مدد سان اڳتي وڌيا، اهو ثابت ڪري ٿو ته حڪمتِ عمليءَ تي ٻڌل سيڙپڪاري ڪيئن روزگار جا موقعا پيدا ڪري سگهي ٿي، خوشحاليءَ جو سبب بڻجي ٿي ۽ قومن وچ ۾ مضبوط معاشي لچڪ پيدا ڪري سگهي ٿي.

سلامتي ۽ علائقائي استحڪام

سلامتيءَ سان خوشحالي اچي ٿي. آمريڪا اهڙين صلاحيتن جو مالڪ آهي، جيڪي خطرن جي اڳواٽ روڪٿام، علائقائي استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۽ ڳنڍيل مشڪلن کي منهن ڏيندڙ ڀاڱي ڀائيوار ملڪن جي مدد ڪرڻ لاءِ استعمال ٿينديون آهن. صدر ٽرمپ گهڻي عرصي کان ان ڳالهه تي زور ڏيندو آيو آهي ته ”امن لاءِ طاقت ضروري آهي“. سنڌس چواڻي ته ”اسان جو مقصد تڪرار نه پر استحڪام آهي ۽ اسان جي طاقت ئي امن جي ضمانت آهي.“

دهشتگرديءَ ۽ انتهاپسنديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ آمريڪا ۽ پاڪستان جا مفاد ڳنڍيل نوعيت جا آهن. اسان جو دهشتگرديءَ جي روڪٿام لاءِ ڳنڍيل رابطي وارو پروگرام، خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڳنڍيل عزم کي ٻيهر پُختو ڪيو آهي، جنهن ۾ خودمختياريءَ جو احترام ۽ علائقائي استحڪام کي بنيادي حيثيت ڏني وئي آهي. سلامتي ۽ انٽيليجنس جي ميدان ۾ سهڪار ٻنهي ملڪن جي شهرين جي حفاظت کي يقيني بڻائي ٿو ۽ ٻنهي قومن جي ڳنڍيل اعتماد ۾ اضافو ڪري ٿو.

قانوني لڏپلاڻ ۽ امڪاني موقعا

آمريڪا، قانون جي حڪمرانيءَ تي يقين رکندڙ هڪ اهڙي قوم آهي، جيڪا لڏپلاڻ ۽ هجرت جي نتيجي ۾ وجود ۾ آئي آهي. موجوده انتظاميه محفوظ سرحدن، لڏپلاڻ جي قانونن جي لاڳو ڪرڻ ۽ قانوني لڏپلاڻ (هجرت) جي نظام کي لاڳو ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهي، جيڪو آمريڪا جي قومي مفادن جو تحفظ ڪري. جيئن آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو چيو ”ويزا حق نه پر هڪ سهولت آهي.“

ساڳئي وقت، پاڪستانين ۽ پاڪستاني ڄاون آمريڪي شهرين، طب، سائنس، ڪاروبار ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ حصو وٺندي آمريڪي سماج کي وڌيڪ سگهارو ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڳنڍيل فهم ۽ رابطي کي فروغ ڏيڻ ۾ انتهائي اهم ۽ مثبت ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اها متوازن حڪمتِ عملي ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته قانوني لڏپلاڻ ملڪن ۾ مضبوط ٻطرفن لاڳاپن، استحڪام ۽ ترقيءَ جا بهترين موقعا فراهم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

مستقبل تي مرڪوز ڳنڍيل پائيواري

آمريڪا پنهنجي قدرن تي پختي يقين ۽ واضح مقصدن سان ڳڏ ٽين صديءَ ۾ قدم رکي رهيو آهي. پاڪستان سان ڳڏجي اسان اهڙي پائيواري قائم ڪري رهيا آهيون، جيڪا خودمختياري، قومي سگهه، ڳنڍيل خوشحالي ۽ روشن موقعن تي ٻڌل آهي. هاٿوڪين، ٻنهي ملڪن جي اعليٰ اڳواڻن جي ملاقاتن ۽ عملي معاهدن اهو ثابت ڪيو آهي ته ڳنڍيل احترام، واضح نتيجن تي مشتمل سهڪار ۽ مطابقت رکندڙ معاشي ۽ سلامتي مفاد ڳنڍيل شراڪتداريءَ کي نين اوچائين تائين پهچائي سگهن ٿا.

پاڪستان جي ثابت قدمي، لچڪ، جدت ۽ سنڌس انتهائي اهم اسٽريٽجڪ حيثيت ڳنڍيل تعاون جي هڪ امر ورثي جي قيام لاءِ رستا کولي ٿي. هن تاريخي سالگرهه جي موقعي تي، آمريڪا پاڪستان سان مضبوط، ڳنڍيل احترام تي مبني ترقي پسند پائيواري ۽ پائيدار لاڳاپن جو عزم ٻيهر ورجائي ٿو. هڪ اهڙو تعلق، جيڪو آمريڪي ترجيحن جي پاسداري ڪري، بانيڪارن جي نظرئي ۽ ورثي کي ڳڏائي ۽ ايندڙ 250 ورهين تائين سلامتي، خوشحالي ۽ اڳواڻيءَ جو ذريعو بڻجي.

*(**Note:** The writer, **Natalie A. Baker**, is Chargé d’Affaires at the U.S. Embassy Islamabad, U.S. Mission Pakistan.)*

بلاول ڀٽوءَ پرڏيهي پاليسيءَ جي نئين سر جوڙجڪ!

محمد خان ابڙو

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ڊگهي عرصي کان دفاعي ردعمل، جمود ۽ مختصر مدت جي مفادن جي چوڌاري گهمندي رهي آهي. بدلجندڙ عالمي سياست، مختلف قطبن واري دنيا، علائقائي بلاڪن ۽ سفارتي محاذ آرائين جي هن دور ۾ پاڪستان کي اهڙي بيانيي ۽ قيادت جي ضرورت هئي، جيڪا رڳو ماضيءَ جو دفاع نه ڪري پر مستقبل جو رُخ به طئي ڪري. اهڙي پسمنظر ۾ بلاول ڀٽو زرداريءَ جو ڪردار انتهائي اهم بڻجي ٿو، جيڪو هڪ نوجوان پر سياسي طور باشعور اڳواڻ طور پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي نوان زاويه، نئين ٻولي ۽ نوان طرف ڏيندي نظر اچي ٿو.

بلاول ڀٽو زرداري پرڏيهي وزارت سنڀاليندي ئي اهو واضح ڪري ڇڏيو هو ته پاڪستان هاڻي رڳو دفاعي يا شڪايتن تي ٻڌل سفارتڪاري نه ڪندو پر فعال، مثبت ۽ خودمختيار پرڏيهي پاليسي اختيار ڪندو. هن عالمي فورمن تي پاڪستان کي هڪ ذميوار رياست طور پيش ڪيو، جيڪا نه رڳو پنهنجن مفادن جو بچاءُ چاهي ٿي پر عالمي امن، علائقائي استحڪام ۽ عالمي سهڪار ۾ به سنجيده ڪردار ادا ڪرڻ جي سگهه رکي ٿي. ڳنڍيل قومن ۾ بلاول ڀٽو زرداريءَ جون ڪيل تقريرون رڳو رسمي بيان نه هئا پر هڪ منظم ۽ واضح بيانيي جو اظهار هو. هن ڪشمير مسئلي کي رڳو علائقائي تڪرار طور پيش ڪرڻ بدران انساني حقن، عالمي قانونن ۽ ڳنڍيل قومن جي قراردادن جي حوالي سان اجاگر ڪيو. سنڌس گفتگوءَ ۾ جذباتيت بدران دليل، شاهديون ۽ عالمي اصول نمايان رهيا، جن پاڪستان جي موقف کي اخلاقي ۽ قانوني سگهه بخشي.

افغانستان جي معاملي تي بلاول ڀٽو زرداري توازن ۽ حقيقت پسنديءَ تي ٻڌل پاليسي اختيار ڪئي. هڪ پاسي هن افغان عوام جي انساني بحران کي عالمي برادريءَ آڏو رکيو ته ٻئي پاسي اهو به واضح ڪيو ته افغانستان کي اڪيلو ڇڏڻ جا نتيجا نه رڳو خطي پر سڄي دنيا لاءِ خطري کان خالي نه هوندا. بلاول ڀٽو بار بار ان ڳالهه تي زور ڏنو ته امن ڳالهه ٻولهه ۽ معاشي شموليت ئي افغانستان کي عدمِ استحڪام مان ڪڍي سگهي ٿي ۽ پاڪستان هن عمل ۾ تعميري ڪردار ادا ڪندو رهندو.

ڀارت سان لاڳاپن جي حوالي سان به بلاول ڀٽو زرداريءَ جو انداز روايتي سخت بيانن کان مختلف رهيو. هن چٽن لفظن ۾ چيو ته پاڪستان امن جو خواهشمند آهي پر اهو امن اصولن، خودداري ۽ ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل کان سواءِ ممڪن ناهي. نفرت انگيز بيانيي بدران هن سفارتي ٻولي استعمال ڪئي، جنهن جو مقصد عالمي برادريءَ کي اهو سمجهائڻ هو ته پاڪستان علائقي ۾ ڇڪتاڻ نه پر استحڪام چاهي ٿو.

وچ اوڀر جي حوالي سان بلاول ڀٽو زرداريءَ پاڪستان جي سفارتڪاريءَ کي متوازن رکيو. سعودي عرب، متحده عرب امارات، قطر ۽ ايران سان لاڳاپن ۾ هن اهو پيغام ڏنو ته پاڪستان ڪنهن هڪ بلاڪ جو حصو بڻجڻ بدران، سمورن اسلامي ملڪن سان احترام ۽ سهڪار جي بنياد تي لاڳاپا چاهي ٿو، جيڪا پاليسي پاڪستان کي علائقائي تڪرارن ۾ غير ضروري ڦاسڻ کان بچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي آهي يورپي يونين ۽ مغربي دنيا سان لاڳاپن ۾ بلاول ڀٽو زرداريءَ انساني حقن، جمهوريت ۽ ماحولياتي تبديليءَ جهڙن موضوعن تي ڳنڍيل نموني ڳالهايو هن ٻوڏ، ماحولياتي ناانصافي ۽ ترقي پذير ملڪن تي موسمياتي تبديليءَ جي اثرن جو مسئلو عالمي سطح تي اثرائتي نموني اجاگر ڪيو اهو ئي پهلو هو، جنهن پاڪستان کي رڳو سيڪيورٽي رياست جي تاثر مان ڪڍي، هڪ اهڙي رياست طور پيش ڪيو، جيڪا ماحولياتي ۽ انساني مسئلن کان متاثر آهي ۽ جنهن کي عالمي سهڪار جي ضرورت آهي. بلاول ڀٽو زرداريءَ جي پرڏيهي پاليسيءَ جو سڀ کان نمايان پاسو بيانيي جي تبديلي هو. هن پاڪستان کي هڪ اهڙي رياست طور متعارف ڪرايو، جيڪو ٽڪراءَ جي بدران ڳالهين کي، خاصيت جي بدران پائيواريءَ کي ۽ عارضي فائدن جي بدران ڊگهي مدي وارن مفادن کي ترجيح ڏئي ٿي اها تبديلي رڳو لفظن تائين محدود نه رهي پر عملي سفارتڪاري، ٻطرفين ملاقاتن ۽ عالمي ڪانفرنسن ۾ پاڪستان جي فعال ڪردار جي صورت ۾ به نظر آئي

اهو به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ته بلاول ڀٽو زرداريءَ کي انتهائي مشڪل اندروني ۽ ٻاهرين حالتن ۾ پرڏيهي وزارت ملي معاشي بحران، سياسي عدمِ استحڪام ۽ عالمي طاقتن جي دٻاءَ جي باوجود هن ڪوشش ڪئي ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ڪنهن هڪ طاقت جي اثر هيٺ نه اچي، هن صاف چيو ته پاڪستان جي پاليسي قومي مفاد، عوامي خواهشن ۽ آئيني اصولن موجب ترتيب ڏني ويندي، نه ڪي ڪنهن ٻاهرين دٻاءَ هيٺ. بلاول ڀٽو زرداريءَ جو سفارتي انداز اصل ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي متحرڪ پرڏيهي پاليسي ۽ محترمه بينظير ڀٽو جي جمهوري ۽ انساني حقن تي ٻڌل سوچ جو تسلسل محسوس ٿئي ٿو پر جديد عالمي تقاضائن مطابق نئين سر ترتيب ڏنل ان ئي سبب عالمي اڳواڻن سفارتڪارن ۽ عالمي ميڊيا ۾ سنڌس ڳالهه کي سنجيدگيءَ سان ٻڌو ويو.

اڄ جڏهن دنيا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي، طاقت جا مرڪز بدلجي رهيا آهن ۽ نوان اتحاد وجود ۾ اچي رهيا آهن، پاڪستان کي اهڙي پرڏيهي پاليسيءَ جي ضرورت آهي، جيڪا نه رڳو حالتن جو مقابلو ڪري پر موقعن مان فائدو به کڻي بلاول ڀٽو زرداريءَ هڪ واضح فڪري بنياد فراهم ڪئي آهي. ايندڙ سالن ۾ اها بنياد ڪيتري مضبوط ٿئي ٿي، ان جو دارومدار سياسي تسلسل ۽ قومي اتفاق راءِ تي هوندو پر اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي نئين سر ناهڻ ۾ بلاول ڀٽو زرداريءَ جو ڪردار هڪ اهم ۽ يادگار باب طور لکيو ويندو، جنهن جو زنده ثبوت ڊيووس ۾ سنڌس موجودگي پاڻ ڳالهائي ٿي.

ٽول ٽيڪس يا ترقي؟ سويڊن کان سنڌ تائين هڪ تلخ مقابلو!

عبدالله عثمان مورائي

ڪجهه مهينا اڳ مون سويڊن جي اترين علائقن ڏانهن لڳ ڀڳ 6 سئو ڪلوميٽرن جو سفر طئي ڪيو. هن ڊگهي سفر دوران مون رڳو ٻه ڀيرا ٽول ٽيڪس ادا ڪيو. هڪ ڀيرو اسٽاڪهولم مان نڪرندي ۽ ٻيو ڀيرو سنڊسوال پل تي سويڊن ۾ هن کي انفراسٽرڪچر ٽيڪس چيو وڃي ٿو رقم ايتري معمولي هئي جو جيڪڏهن ان کي پاڪستاني رپين ۾ حساب ڪجي ته 7 سئو رپين کان به گهٽ ٿيندي.

پر اصل ڳالهه رقم جي نه هئي، اصل ڳالهه نظام جي هئي، چوته هتي نه هر هر ٽول پلازا نه هر ڪجهه ڪلوميٽرن کان پوءِ ادائيگي ۽ نه ئي مسافرن لاءِ ذهني پريشاني ٽيڪس خودڪار (آٽوميٽڪ) هو، شفاف هو ۽ سيني لاءِ برابر هو. ماڻهو ڄاڻن ٿا ته ڪٿي، ڪڏهن ۽ چو ٽيڪس ڏنو پيو وڃي جڏهن مان هاڻي ٿلوو ئي پاڪستان خاص طور تي سنڌ آيو هئس ته صورتحال بلڪل اُبتڙ نظر آئي هتي تقريباً هر قومي ۽ صوبائي شاهراهه (روڊ) تي ٽول پلازا موجود آهن حيدرآباد کان سکر، ڪراچيءَ کان ٺٽو يا سکر کان لاڙڪاڻو، هر رستي تي هُرَهُرَ ٽول افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته انهن ٽولن جي باوجود روڊن جي حلت انتهائي خراب آهي ڪوٽيل رستا، ٽٽل پلون، پاڻيءَ سان ڀريل رستي ۾ کڏا، رستي ۾ ڊامر رِجهيل ۽ ان جا پتا ٿهيل ۽ هر وقت حادثن جو خطرو. سوال اهو ناهي ته ٽيڪس چو ورتو وڃي ٿو؟ اصل سوال اهو آهي ته ٽيڪس ڪير ڏئي ٿو ۽ فائدو ڪير وٺي ٿو؟

سنڌ ۾ ٽيڪس جو اصل بار عام ماڻهو کڻي ٿو، موٽر سائيڪل سوار، ننڍي گاڏيءَ وارو يا مزدور، سڀ ٽول ادا ڪن ٿا پر بااثر ۽ طاقتور ماڻهو جيڪي قانون ۽ پليسيون ناهين ٿا، اڪثر انهن ئي پليسين کان پاڻ آزاد هوندا آهن جيستائين ٽيڪس خودڪار (آٽوميٽڪ) نظام سان ڳنڍيل نه هجي تيستائين ڪيترن لاءِ ٽيڪس فرض نه پر اختيار بڻجي وڃي ٿو

اهڙي صورتحال ۾ قانون جي اخلاقي حيثيت ختم ٿي وڃي ٿي ضابطا غريبن لاءِ ناهيا وڃن ٿا ۽ طاقتور ماڻهو انهن کي پاڻ ئي ٽوڙين ٿا نتيجي ۾ ٽيڪس سماجي ذميواريءَ بدران زبردستي محسوس ٿئي ٿو ۽ رياست ۽ شهريءَ جي وچ ۾ اعتماد جو رشتو ڪمزور ٿئي ٿو ٽول ٽيڪس جو اثر رڳو ذاتي گاڏين تائين محدود نه آهي سامان کڻندڙ ٽرڪون، جيڪي اٽو، ڀاڄيون، ڪڻڪ تيل، پيٽرول، ڊيزل، دوائون ۽ روزمره ٽوڙي ٻيون ڪيتريون ئي ضرورت جون شيون کڻي هلن ٿيون ۽ هر ٽول پلازا تي ادائيگي ڪن ٿيون انهن اضافي خرچن جو بار آخرڪار عام انسان تي پوي ٿو نتيجو اهو نڪري ٿو ته مارڪيٽ ۾ مهانگائي وڌي ٿي ۽ غريب ماڻهوءَ لاءِ جيئڻ وڌيڪ ڏکيو بڻجي ٿو.

ان جي ابتڙ سويڊن ۾ ٽيڪس جو تصور انساني ضرورتن سان جڙيل آهي اتي هفتي جي موڪلن تي ٽول ناهي هوندو، سرڪاري موڪلن (Red Days) تي ٽول ناهي ۽ موڪل کان اڳ واري ڏينهن تي به ٽيڪس لاڳو ٿو ٿئي ان کانسواءِ صبح ڇهين وڳي کان اڳ ۽ شام ساڍي ڇهين کان پوءِ به ٽول ٽيڪس نه ٿو ورتو وڃي رياست ماڻهن جي وقت، سفر ۽ زندگيءَ جو خيال رکي ٿي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته سويڊن ۾ ماڻهن کي صاف نظر اچي ٿو ته سندن ٽيڪس ڪٿي خرچ ٿي رهيو آهي؟ مثال طور سٺا رستا، محفوظ سفر ۽ منظم انفراسٽرڪچر اتي ٽيڪس هڪ ذميواري محسوس ٿئي ٿو نه ڪي سزا جيستائين سنڌ ۽ پاڪستان ۾ قانون ناهيندڙ پاڻ قانون جي تابع نه ٿيندا، تيستائين ٽول پلازا ترقيءَ جي علامت نه پر ناانصافيءَ جي نشاني رهندا منصفاڻو نظام اهو ناهي جنهن ۾ غريب ادا ڪري ۽ امير بچي وڃي پر اهو ان ۾ آهي جنهن ۾ سيني لاءِ ساڳيا قانون لاڳو ٿين جو نه رستا ماڻهن کي ملائڻ لاءِ هوندا آهن نه ڪي ڪين طاقتور ۽ ڪمزور طبقن ۾ ورهائڻ لاءِ.

اڄوڪو ڏينهن - 28 جنوري

منگهارام اوجها



اڄ مشهور ليکڪ منگهارام اوجها جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن سرت پرئي ساهتڪار جو جنم 28 جنوري 1928ع تي ٿر جي ڳوٺ ڇيلهار ۾ ٿيو ابا ٽنيو ٿي هو جو سنڌس والد لالچند اوجها ۽ چاچو پوتم چند هي جهان ڇڏي ويا. انهيءَ ڪري هن جو ننڍپڻ انتهائي غربيءَ ۾ گذريو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ڇيلهار مان حاصل ڪيائين ان بعد مٺيءَ مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. نوڪريءَ سانگي جڏهن هن جي بدلي ننگرپارڪر ۾ ٿي ته پاڻ لڏي وڃي ڏونگري ڳوٺ وسايو اهو ڳوٺ ننگرپارڪر جي ويجهو آباد آهي انهيءَ ئي ڳوٺ ۾ سنڌس شادي ٿي هن کي ننڍي هوندي کان ئي ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ سان دلچسپي رهي هو اسڪول جي ٻارن کي ٻاراڻيون ڪهاڻيون شوق سان پڙهي ٻڌائيندو هو 1954ع ڌاري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لوڪ ادب جو مواد گڏ ڪرڻ لاءِ ٿر آيو ۽ اتي اهو ڪم منگهارام جي حوالي ڪري ويو. منگهارام ڊاڪٽر بلوچ کي پارڪر جي پار جو قيمتي لوڪ ورثو گڏ ڪري ڏنو اوجها صاحب جا ڪيترائي مضمون سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن ۾ ڇپيا. سنڌس ڪتاب ”پراڻو پارڪر“ سنڌي ادب جو هڪ انمول سرمايو آهي سنڌس ٻئي ڪتاب جو نالو ”شريمالي اتهاس“ آهي جنهن ۾ شريمالي برهمڻن جي تاريخ جو تذڪرو ڏنل آهي هن مهان استاد ۽ ساهتڪار 5 جولاءِ 2000ع تي هن فاني جهان مان هميشه لاءِ موڪلايو.

عذرا سرور ڪتنر

هن تلئيواري ليکڪا جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1935ع ۾ دادو ضلعي جي مشهور شهر ڀاڻ شريف ۾ ٿيو هوءَ مشهور ليکڪ ۽ تعليمي ماهر ڪريم بخش ڇنا جي نياڻي آهي هن مئٽرڪ جو امتحان محمدي ٽيچنگ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو ان بعد هن بي اي، ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايم اي (بين الاقوامي تعلقات) جون سنڌون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. ان کان علاوه ايل ايل بي جي سند سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪيائين اڳتي هلي يونيورسٽي آف ليسسٽر مان پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪيائين 1978ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي بين الاقوامي تعلقات واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي اڳتي هلي ساڳئي شعبي جي چيئرپرسن جو عهدو ماڻيائين رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مستقل طور تي ڪئنيڊا ۾ رهائش اختيار ڪيائين ادبي دنيا ۾ هن جو نالو هڪ بهترين شاعره طور پنهنجي ساک رکي ٿو سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ ”ڪر جي ڇانوري ۾“، ”نيل گگن تلي“ (اردو شاعري) ۽ ”سون ساريڪي سنڌ“ شامل آهن.

عبدالڪريم گدائي

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي قادرالڪلام شاعر ۽ ... شوق هو مشهور شاعر لطف الله بدويءَ جي صحبت سنڌس شاعريءَ کي وڌيڪ پڪو ۽ پختو ڪيو ۽ هو گدائيءَ جي تخلص سان ذات جي ڏيهه ۾ مڃتا ماڻڻ لڳو. هيءُ اهو زمانو هو جڏهن انگريزن خلاف آزاديءَ جي جدوجهد پنهنجي قوهه جوانيءَ تي پهچي چڪي هئي. ان وقت جا سنڌس شعر ساڻيهه جي سڪ، وطن جي آزاديءَ ۽ ڌارين خلاف نفرت ۽ ڪروڌ سان ڀريل آهن. سنڌس شروعاتي ڪلام هفتيوار ”پيغام“، ”صداقت“، ماهوار ”سنڌو“ ۽ روزاني ”الوحيد“ ۾ ڇپيو. هو خلافت تحريڪ کان متاثر هو ۽ 1932ع تائين ڪانگريسي ڪاميٽي ٿل جو سيڪريٽري رهيو ورهاڱي کان پوءِ جيڪب آباد ضلعي جي هاري ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري رهيو. 1951ع ۾ ٿل ڇڏي جيڪب آباد اچي وسايائين، جتي ”المجاهد“ ، ”سنڌ فرنٽيئر گزيٽ“ ۽ ٻين اخبارن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. هو ”روزاني عبرت“ جو رپورٽر پڻ رهيو. عبدالڪريم گدائيءَ چار ڪتاب لکيا: (1) ساڻيهه جا سور (شاعري، 1965ع) (2) خانگڙهه کان جيڪب آباد تائين (جيڪب آباد جي تاريخ، 1965ع)، (3) پيماني تي پيمانو (شاعري، 1974ع) ۽ (4) پکڙا ۽ ڀهنوار (شاعري، 1975ع). سنڌ جي هن عظيم شاعر 28 جنوري 1978ع تي وفات ڪئي.

حافظ خيرمحمد اوحدي



سنڌ جي هن مشهور صحافيءَ ۽ اديب جو جنم شڪارپور ۾ 29 مارچ 1911ع ۾ ٿيو ڏهن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيائين 1932ع ۾ صحافتي ميدان ۾ پير پاتائين ۽ ٻارهن مختلف اخبارن جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين انهن اخبارن ۾ هفتيوار الحنيف، اصلاح (ڪراچي)، قرباني (ڪراچي)، ڪاروان (حيدرآباد)، نعره تڪبير، انقلاب، اطلاع، ايڪتا، سنڌ زميندار ۽ مسلم ليگ شامل آهن هو سنڌي ۽ فارسي ٻوليءَ جو هڪ سٺو شاعر پڻ هو هن 28 جنوري 1982ع تي وفات ڪئي

امان الله مفلح

امان الله مفلح پنهنجي دور جو هڪ قادرالڪلام شاعر هو سنڌس پيدائش 16 جنوري 1916ع تي تعلقي ڳڙهي ياسين جي ڳوٺ ڪوٽ عبدالله خان ۾ جان محمد مهر جي گهر ۾ ٿي ان وقت جي دستور مطابق سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين هن سنڌي، سرائيڪي اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي مولود، نعت، غزل نظم گيت، وائي ۽ ڪافيءَ جهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين سنڌس شاعريءَ جا ڏهه ڪتابڙا شايع ٿيا. هن 28 جنوري 1986ع تي وفات ڪئي

ڊاڪٽر محمد علي قاضي

اڄ مشهور لائبريرين ۽ ليکڪ ڊاڪٽر محمد علي ...

مختيار انڙ

انٽر جو امتحان علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان ۽ 1950ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين 1954ع ۾ اسلامڪ ڪلچر ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين ساڳئي سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ لائبريرين مقرر ٿيو ۽ هڪ سال کان پوءِ 1955ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي مرڪزي لائبريريءَ جو ڀهريون لائبريرين مقرر ٿيو 1956ع ۾ انگلينڊ جي ليڊس يونيورسٽيءَ مان لائبريري سائنس ۾ ڇهن مهينن جو سڪيا ڪورس پاس ڪيائين هن جي ڪوشش سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ لائبريري سائنس جو شعبو کليو ۽ ڪيس انهيءَ شعبي جو اعليٰ نگران بڻايو ويو هن لائبريري سائنس واري شعبي جي ترقيءَ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو 1964ع ۾ اسلامڪ ڪلچر ۾ پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪيائين 1977ع ۾ ڪيس انهيءَ شعبي جو ڀهريون چيئرمين بڻايو ويو جتان 1980ع ۾ رٽائر ٿيو هن 28 جنوري 1987ع تي دم ڏنيءَ جي حوالي ڪيو سنڌس زندگيءَ ۽ لائبريري سائنس جي شعبي ۾ سنڌس ڪيل خدمتن تي مشتمل هڪ ڪتاب ”ڊاڪٽر محمد علي قاضي ۽ لائبريرين شپ“ جي عنوان سان شاهه محمد بلوچ 1990ع ۾ ڇپرايو.

ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي



اڄوڪو ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ۽ اديب موتي لال جوتواڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي سنڌي، هندي ۽ انگريزي ٻوليءَ تي عبور رکندڙ هن انمول انسان جو جنم سنڌ جي مشهور شهر روهڙيءَ ۾ 13 جنوري 1936ع تي واڌومل جوتواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو 1946ع ۾ سنڌس ڪٽنب ڪراچيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي جتي سنڌس پيءُ کي ڪي جي ڪلناڻي هاءِ اسڪول ۾ ماستري نوڪري ملي هئي ۽ هو سنڌي رسالي ”قرباني“ جو سب ايڊيٽر ٿيو موتي لال اڃا ٻارهن سالن جو مس هو جو هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ سنڌس ڪٽنب ڪراچي ڇڏي پهريائين ممبئيءَ ۾ ۽ پوءِ دهليءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي 19 سالن جي عمر ۾ هن جي پهرين ڪهاڻي ”مڪتي“ هندي اخبار وير ارجن ۾ شايع ٿي انهيءَ ئي زماني ۾ هو دهليءَ جي هڪ اسڪول ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ سنڌس ڪٽنب هندستان جي شهر دهليءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي 1958ع ۾ پنجاب يونيورسٽي چنڊي ڳڙهه مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ هندي ٻوليءَ جو استاد مقرر ٿيو 1959ع ۾ ساڳي يونيورسٽيءَ مان صحافت ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما حاصل ڪيائين 1960ع ۾ سنڌس سنڌي مضمونن جو ڪتاب ”خيال“ ڇپجي پڌرو ٿيو 1962ع ۾ انگريزي ادب ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ...

ڏيهي ٽوڙي پرڏيهي ادب ۾ وڏي مڃتا ملي 1979-80 ۾ هن هارورڊ يونيورسٽي آمريڪا ۾ سنت صوفي ادب تي ليڪچر ڏنا 1979ع ۽ 1995ع جي وچ وارن سالن ۾ هن دنيا جي مختلف ملڪن ۾ تحقيقي مقالا پڙهيا. 1983ع کان 1994ع تائين هو ورلڊ پيس اڪيڊميءَ جي هندستاني پروفيسرن جي چيپٽر جو صدر رهيو 1985ع کان 1987ع تائين هو دهليءَ ۾ سنڌي صلاحڪاري ڪاميٽيءَ جو وائيس چيئرمين رهيو 1985ع کان 1990ع تائين ٽماهي رسالي ”انڊين آٽر“ جو ايڊيٽر ۽ 1996ع کان 1999ع تائين سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جو اعزازي ميمبر سيڪريٽري رهيو مارچ 2006ع ۾ سنڌ سرڪار جي ڪلچر کاتي پاران ڪيس ڀٽائيءَ جي عرس تي اچڻ جي دعوت ڏني وئي انهيءَ موقعي تي هن ”شاهه لطيف ۽ سنڌي“ عنوان تحت مقالو پڙهيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچر پڻ ڏنو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو هي املهه هيرو 28 جنوري 2008ع تي ان سفر تي روانو ٿي ويو، جتان ڪو به موٽي نٿو سگهي سنڌس ڪيل ادبي خدمتن کي مڃتا ڏيندي ڪيس ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو، جن ۾ ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ، سنڌو رتن ايوارڊ ۽ پدما شري ايوارڊ شامل آهن سنڌ سرڪار ڪيس لطيف ايوارڊ سان نوازيو.

فقير ديدار علي سيال



فقير ديدار علي سيال دادو ضلعي جو مشهور سگهڙ ۽ لوڪ ادب جو ڄاڻو هو هن 1962ع ڌاري ڳوٺ داٺود ديري، لڳ شاهه پنجو سلطان تعلقي ميهڙ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. غربت سبب فقط ٻه درجا سنڌيءَ جا پڙهي سگهيو. 1974ع ۾ سگهڙ امام بخش هتار کان ڳجهارتن پڇڻ جو فن سکي سگهڙن جي دنيا ۾ داخل ٿيو اڳتي هلي فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جي صحبت ۾ رهي سگهڙائپ جا سبق سکي هڪ تليوارو سگهڙ بڻجي ويو هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ پاڪستان ٽيليويزن جي لوڪ ادب جي پروگرامن ۾ پڻ شرڪت ڪئي ۽ سگهڙن جي تنظيم ”سلاٽ“ جو نائب صدر رهيو. سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ ”ڪيس وسي ديدار اسان جو“ ، ”فيصلا انصاف جا“، ”ڪنهن کي ڏجي ڏانهن“ ۽ ”ڪل جڳ رهندا ڪاڙهيا“ شامل آهن هن 28 جنوري 2010ع تي وفات ڪئي

محمد اسماعيل اداسي

محمد اسماعيل اداسي سنڌ جو هڪ مزاحمتي شاعر ۽ سرگرم سياسي ڪارڪن هو، هن جو جنم ضلعي بدين جي شهر ڪوراهه ويجهو ڳوٺ حاجي خميسي ملاح ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين پر غربت سبب وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. 1973-74ع کان شاعري شروع ڪيائين. هو عوامي تحريڪ جو سرگرم ميمبر رهيو ۽ شهيد فاضل راهوءَ جو پروسي وارو ساٿي هو ون يونٽ

بقايا | 36 | لاڙڪاڻو ڪري ريو

ريو سندس جنازي نماز ۾ پاڪستان مسلم ليگ اڳواڻ فقير ماهي خان وساڻ پ ٽ الف تعلقو شهدادپور اڳوڻو صدر عبدالقادر خاصخيلي عوامي تحريڪ جو اڳواڻ عالم لغاري وڏيرو سائينداد خاصخيلي علي بخش خاصخيلي استاد هارون خاصخيلي سوڍو خاصخيلي روشن علي خاصخيلي مختيار خاصخيلي ۽

بقايا | 43 | گروپن ۾ مقابلو

سيڪريٽري علي اصغر چانگ ۽ مدمقابل امير آزاد پنهور گروپ ۾ مقابلو ٿيندو

عام اطلاع

سنڌ ايڪسائيز مينيوئل ڀاڱي ٻهرين پيرا 100 موجب عوام کي خاص طرح سان اطلاع ٿو ڏجي ته سنڌ سرڪار ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي طرفان ڪيس ٽريڊنگ رٽيل آف وائن شاپ نالي شراب جو دوڪان کولڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جو لائسنس منظور ڪيل آهي.

شراب جو وڪرو صرف غير مسلم پاڪستاني ماڻهن لاءِ هوندو ڪيس ٽريڊنگ رٽيل آف وائن شاپ لائسنسي دوڪان نمبر 2، 1 ديهه خنڊي تعلقو ميهڙ ضلعو دادو کان شفٽ ٿي دوڪان نمبر 02، 01 پلاٽ نمبر 06 نيو لاهوري محلا لاڙڪاڻو ۾ کولي رهيو آهي. انهيءَ جاءِ تي شراب جو دوڪان کولڻ لاءِ جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض هجي ته هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ آفيس ٽائيم دوران 15 ڏينهن جي اندر پيش ڪري سگهجي ٿو.

ڊپٽي ڊائريڪٽر
سينئر ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول آفيسر
(ايڪسائيز) لاڙڪاڻو

51واں قومی مقابلہ کتب سیرت، نعت ومقالات

وفاقی وزارت مذہبی اُمور وبین المذاہب ہم آہنگی کتب سیرت النبی ﷺ، کتب نعت اور مقالات سیرت برائے سال 2026ء/1448ھ کے لئے درج ذیل مقابلوں کے انعقاد کا اعلان کرتی ہے

(الف) مقابلہ کتب سیرت یا حوالہ جاتی کتب سیرت

قومی زبان اردو، پاکستان کی علاقائی اور غیر ملکی زبانوں میں تحریر کردہ کتب سیرت یا حوالہ جاتی کتب سیرت کے لئے انعامات:

ا۔ اردو زبان میں تحریر شدہ کتب سیرت / حوالہ جاتی کتب سیرت کے لئے تین انعامات

اوّل انعام (Rs.175,000) | دوم انعام (Rs.125,000) | سوم انعام (Rs.100,000)

۲۔ پاکستان کی ہر علاقائی زبان میں لکھی ہوئی کتاب کے لئے ایک انعام (Rs.75,000)

۳۔ صرف قومی زبان (اردو) میں بچوں کے لئے تحریر کردہ کتب سیرت النبی ﷺ کے لئے تین انعامات

اوّل انعام (Rs.125,000) | دوم انعام (Rs.100,000) | سوم انعام (Rs.75,000)

۴۔ غیر ملکی زبانوں (عربی اور انگلش) میں تحریر کردہ کتب سیرت / حوالہ جاتی کتب سیرت کے لئے تین انعامات

اوّل انعام (Rs.150,000) | دوم انعام (Rs.100,000) | سوم انعام (Rs.80,000)

(ب) مقابلہ کتب نعت

ا۔ قومی زبان اردو میں طبع زاد نعتیہ کتب پر تین انعامات

اوّل انعام (Rs.125,000) | دوم انعام (Rs.100,000) | سوم انعام (Rs.75,000)

۲۔ پاکستان کی علاقائی زبانوں میں طبع زاد نعتیہ کتب پر ہر زبان کے لئے ایک انعام (Rs.75,000)

(ج) مقابلہ کتب اسلامی موضوعات برائے خواتین

(خصوصاً خواتین میں اسلامی فکر کی ترویج کیلئے)

اسلامی موضوعات پر صرف خواتین کی اردو زبان میں تحریر کردہ کتب کا مقابلہ، تین انعامات:

اوّل انعام (Rs.175,000) | دوم انعام (Rs.125,000) | سوم انعام (Rs.100,000)

(د) مقابلہ رسائل / مجلات سیرت و نعت

سیرت النبی ﷺ اور نعت کے خصوصی شمارے شائع کرنے والے رسائل / مجلات کے لئے تین انعامات:

اوّل انعام (Rs.100,000) | دوم انعام (Rs.75,000) | سوم انعام (Rs.60,000)

(ہ) مقابلہ مقالات سیرت

عنوان: نسل نو کا تحفظ، تعمیر اور کردار، سیرت النبی ﷺ کی روشنی میں

ا۔ مقالات سیرت پر مرد وخواتین کے لئے قومی سطح پر تین، تین انعامات:

اوّل انعام (Rs.100,000) | دوم انعام (Rs.90,000) | سوم انعام (Rs.80,000)

۲۔ چاروں صوبوں میں مرد وخواتین کیلئے الگ الگ تین انعامات جبکہ آزاد جموں وکشمیر / گلگت بلتستان / اسلام آباد کیلئے مشترکہ تین انعامات

اوّل انعام (Rs.75,000) | دوم انعام (Rs.60,000) | سوم انعام (Rs.50,000)

شرائط وضوابط

- مقابلہ میں حصہ لینے کے خواہشمند وزارت کی ویب سائٹ پر موجود کوائف نامہ (فارم) کے ذریعے اپلائی کریں۔ بغیر کوائف نامہ / نامکمل یا شرائط پر پورا نہ اترنے کی صورت میں کتاب / مقالہ کو مقابلہ میں شامل نہیں کیا جائے گا۔
- ایسی کتب جو اس مقابلہ کی آخری تاریخ سے گزشتہ 5 سال کے دوران لکھی / شائع کی گئی ہوں اور وزارت ہذا کی طرف سے ماضی میں منعقد کئے گئے کسی مقابلہ میں موصول نہ ہوئی ہوں، اس مقابلہ میں حصہ لے سکتی ہیں۔ مصنف کتاب یا مقالہ نگار بقید حیات ہو۔
- تمام کتب جامع ہونے کے ساتھ ساتھ تحقیق پر مبنی ادبی ذوق کی حامل اور اصل مآخذ سے مزین ہوں۔ نعتیہ کتب اسلامی تعلیمات کے عین مطابق ہوں۔ تمام کتب کم از کم 100 صفحات پر مشتمل ہوں۔
- کتاب اصل / طبع زاد ہو جس میں پبلشر کا نام، مقام اور طباعت کی تاریخ درج ہونا لازمی ہے۔ نیز مجموعہ، منتخب کلام، کسی دوسری زبان میں طبع شدہ کتب کا ترجمہ / چربہ یا تشریح و تفسیر پر مبنی کتب مقابلے کے لیے اہل نہیں ہیں۔
- کتب / رسائل ومجلّات اور مقالات جن میں درج قرآنی آیات اور احادیث نبوی ﷺ میں کسی قسم کی کوئی غلطی ہو یا ان میں (سرورق سمیت) غیر اخلاقی تصاویر ہوں یا وہ ایسے مواد پر مشتمل ہوں جو فرقہ واریت، تعصب، نفرت آمیز اور توہین مقدسات کا باعث ہو یا اسلامی تعلیمات کی روح سے عاری ہوں، مقابلے میں شامل نہیں کی جائیں گی۔
- مقالات سیرت مصنف کی ذاتی کاوش کا نتیجہ ہوں، جس کی یقین دہانی کیلئے وزارت کی کمیٹی مقالہ نگار کا انٹرویو کرسکتی ہے۔
- مقالہ 20 تا 30 صفحات (A4 سائز) اور ایم ایس آفس میں کمپوز شدہ ہونا چاہیئے۔ تحریر صفحہ کی ایک جانب ہو، نیز الفاظ اور ہیڈنگ کا سائز (فونٹ) 18,16 بالترتیب اور لائن سپیس (Line Space) 1 ہونا چاہئے۔ پیراگراف کے بعد سپیس کا اضافہ ہو جبکہ حوالہ جات footnote میں ہونے چاہئیں۔ پہلے صفحے پر مقالہ کا موضوع، مقالہ نگار کا نام و پتہ، رابطہ نمبر درج ہونا لازمی ہے۔
- وزارت ہذا حالات حاضرہ کو مدنظر رکھتے ہوئے مذکورہ جملہ انعامات میں کمی بیشی کرسکتی ہے۔ انعامات کے ضمن میں منصفین اور اپیکس کمیٹی کا فیصلہ قطعی ہوگا اور ان کے فیصلے پر نہ کوئی اعتراض ہوسکے گا اور نہ ہی اسے چیلنج کیا جاسکے گا۔
- مقالہ نگاران کو صوبے / علاقے کے تعین کے لیے اپنے ڈومیسائل اور اصل شناختی کارڈ کی مصدقہ کاپی فراہم کرنا ہوگی۔ تاہم مقابلہ کتب کیلئے ڈومیسائل کی شرط نہیں ہے۔
- گزشتہ دو سالوں کے مقالات کے انعام یافتگان اس سال کیٹیگری مقالات سیرت میں شرکت کے اہل نہیں۔
- وزارت ہذا، اس سے ملحق / ماتحت اداروں کے ملازمین کو ان مقابلوں میں حصہ لینے کی اجازت نہ ہوگی۔
- مقالہ نگار کیلئے کم از کم تعلیمی قابلیت مکمل گریجویشن (14 یا 16 سالہ) یا اس کے مساوی ہے۔ تعلیمی سند کی تصدیق شدہ کاپی لف کرنا لازمی ہے۔
- آرٹیفیشل انٹیلیجنس (AI) اور Similarity Index ہائر ایجوکیشن کمیشن (HEC) کی مقررہ حد (19%) کے مطابق ہو۔ نیز مقالہ اور کتاب کی سافٹ کاپی آخری تاریخ سے پہلے فراہم کرنا لازمی ہے۔

نوٹ

مقابلہ جات میں شرکت کے جملہ خواہش مند (مرد وخواتین) سے گزارش کی جاتی ہے کہ وہ اپنی کتب / رسائل ومجلّات کے نسخہ جات دس (10) عدد اور مقالات سیرت کے نسخہ جات پانچ (5) عدد، شناختی کارڈ کی تصدیق شدہ کاپی، دیگر مطلوبہ کاغذات بمعہ کوائف نامہ (فارم) زیر دستخطی کو 31 مارچ 2026ء تک ارسال فرمائیں، نیز مقالہ جات اور کتب کی سافٹ کاپی آخری تاریخ سے پہلے ddseerat@mora.gov.pk پر ای میل کرنا بھی ضروری ہے۔ نیز کوائف نامہ آن لائن پر کرنا لازمی ہے جس کا لنک وزارت کی ویب سائٹ www.mora.gov.pk پر موجود ہے۔

محمد خلیق، ڈپٹی ڈائریکٹر (سیرت)
رابطہ نمبر: 051-9211351
کمرہ نمبر 10-A، فرسٹ فلور، کوہسار بلاک، نیو سیکرٹریٹ، شاہراہ دستور، اسلام آباد

وزارتِ مذہبی امور وبین المذاہب ہم آہنگی
حکومت پاکستان

PID(I) 6200-D/25

عمرڪوٽ لڳ موٽرسائيڪل تان ڪري هڪ ڄڻو فوت، ٻه زخمي

نبي سر نهٽو اسٽاپ وٽ ٽائر ڦاٽڻ سبب موٽرسائيڪل سان حادثو پيش آيو

حادثي جي نتيجي ۾ منور عيسي هاليپوٽو فوت ۽ ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

عمرڪوٽ(ٻ ر)نبي سر نهٽو اسٽاپ وٽ ٽائر ڦاٽڻ سبب موٽر سائيڪل تان ڪري هڪ ڳڀرو نوجوان فوت ٻه زخمي، نبي سر نهٽو اسٽاپ وٽ اسلام ڪوٽ کان ڏورو نارو ويندڙ نوجوانن جي موٽر سائيڪل جو ٽائر ڦاٽڻ سبب حادثي ۾ ٽئي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جن مان ڏورو نارو جي ڳوٺ بلاول هاليپوٽو جو ڳڀرو نوجوان منور عيسي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: واسا جا ملازم پگهارن نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ گهرو اٿبٽ تان جوابدار نوجوان کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

خيرپور(ٻ ر)چانديا موڙ پرسان گهرو اٿبٽ تان جوابدار 22 ورهين جي نوجوان سرفراز ڍليوڙڪي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته نوجوان تي فائرنگ ڪندڙ جوابدار سنڌس رشتيدار ٻڌايو پيو وڃي زخمي کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو

لاهور: هڪ بيرسن پلاسٽڪ جا ڪانا سڪي رهيو آهي

حيدرآباد: نيرون ڪوٽ جي ويجهو سج لهڻ جو هڪ خوبصورت منظر

پنوعاقل لڳ ڪوراڻي برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا زخمي

ڳوٺ صاحب خان ڪوراڻي ۾ زمين جي مالڪي تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

گولين لڳڻ سبب زخمي اسحاق ڪوراڻي ۽ هاري غلام علي کي اسپتال آندو ويو

ڪراچي ڪُل پلاٽ واري واقعي جي ذاتي ڏک ۽ افسوس ٿيو آهي: ذوالفقار ستار بڇاڻي

پارٽي بلاول ڀٽو زرداري عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن

ٽنڊو الهيار: پ پ پ ايم اين اي ذوالفقار ستار بڇاڻي عبرت جي ضلعي رپورٽر راجا ساجد خانزادي کي مبارڪباد ڏئي رهيو آهي

نصيرآباد لڳ هٿياربند دڪاندار کي زخمي ڪري سامان ڦري فرار، مقابلي بعد ٻه زخمي حالت ۾ گرفتار

ڏيرا ٿاٽي جي حد ۾ ٽن هٿياربندن عبدالرزاق نوناري کي زخمي ڪري نقدي ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿيا

اطلاع تي پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي مقابلي بعد ٻن جوابدارن کي زخمي حالت گرفتار ڪري ورتو

مقابلي دوران هڪ ڀڄڻو موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو آهي: پوليس

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد ويجهو ڏيرا ٿاٽي جي حد ۾ ٽن نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور تي مقامي دڪاندار عبدالرزاق نوناري کي تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ ڪاٿس نقدي ۽ ٻيو سامان ڦر

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: ڦرجي مزاحمت تي زخمي ٿيل واپاري

نصيرآباد شهري اتحاد پاران پرائمري اسڪول مان چوري خلاف احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين سينگار نوناري، عبدالوهاب بروهي، بخش علي مغيري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

چيمين اسڪول مان ٿيل چوري واپس نه ڪرائي وئي، تيستائين احتجاج جاري رهندو: مظاهرين

نصيرآباد(ن ع) مين پرائمري اسڪول مان ٿيل چوري خلاف شهري اتحاد نصيرآباد پاران انڊس هاءِ وي تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ استادن، شاگردن سميت مختلف سماجي ۽ سياسي تنظيمن جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڌرڻي سبب انڊس هاءِ وي تي اينڊڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، جنهن ڪري مسافرن کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو ڌرڻي جي اڳواڻي ڪندڙ ڪامريڊ سينگار نوناري، عبدالوهاب بروهي، بخش علي مغيري ۽ ٻين اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مين پرائمري اسڪول مان ٿيل چوري کي 15 ڏينهن گذرڻ باوجود به پوليس چورن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته نصيرآباد پوليس چورن آڏو بيوس بڻيل نظر اچي ٿي ۽ بار بار مهلت

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

مٺي جگديش ڪالوني واسي پنهنجي گهر ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

مٺي (ٻ-ر) مٺي شهر جي اولڊ جگديش ڪالوني جي رهواسي 35 سالا نوجوان نٿو ولد پٿو مهراج پنهنجي گهر ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو مٺي پوليس اطلاع ملڻ تي واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال آندو ويو جڏهن ته خودڪشي جو اصل ڪارڻ معلوم ٿي نه سگهيو آهي

نصيرآباد: اسڪول مان چوري خلاف ٻارڙا روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ ۾ خردبرد واري معاملي تي ڪارروائي جو حڪم

تعليم واري وزير سردار شاهه اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي آفيسرن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏنو

6 آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس، 15 ڏينهن اندر فرنيچر ۽ سامان جمع ڪرائڻ جو حڪم

جيڪب آباد (ٻ ر) جيڪب آباد ۾ اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ ۾ خردبرد واري معاملي تي سنڌ جي صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي آفيسرن خلاف ڪارروائي جو حڪم

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر جي آر او پلانٽ آپريٽرن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

وقت سر پگهارون نٿيون ملن، 14 مهينن جون پگهارون رهيل آهن: مظاهرين

حڪومت جي 40 هزار اعلان تي عمل نٿو ڪيو وڃي، اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن

مٺي (ٻ ر) ٿرپارڪر جي آر او پلانٽ آپريٽرن مطالبن جي مڃتا لاءِ پبلڪ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ڇڏيو ان موقعي تي آپريٽرن عرفان بجير، ڪوير ميگهواڙ، خدا بخش ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان ضلعي ٿرپارڪر جي آر او پلانٽ آپريٽرن کي وقت سر پگهارون نٿيون ڏنيون وڃن ۽ 14 مهينن جون رهيل پگهارون به نٿيون ڏنيون وڃن هن جديد دور ۾ به سنڌ حڪومت جي ڊيلي ويجز ملازمن کي 40 پگهار ڏيڻ واري اعلان باوجود ضلعي ٿرپارڪر ۾ اسان غريب آر او پلانٽ آپريٽرن کي ڪيترن ئي عرصي کان صرف 25 هزار پگهار ڏني وڃي ٿي سو به ڪن مهينن بعد اسان جي بار بار احتجاجن

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ ٻوڏ متاثرن کي گهرن جي بحالي لاءِ رقم جاري نه ٿي سگهي، احتجاج

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ مهاٻوڏ دوران تباهه ٿيل گهرن جي بحالي لاءِ هن وقت تائين متاثرن کي رقم جاري نه ٿي سگهي متاثر گهر ڀاتي ڪليل آسمان هيٺ ٻي يار و مدد گار ويٺل ان موقعي تي خيرپور ناٿن شاهه تعلقي جي يونين ڪائونسل چنڊڻ جي ڳوٺ مراد علي گشڪوري جي ٻوڏ متاثرن رهواسين SPHF گهر سروي پروگرام جي ٽين قسط جاري نه ٿيڻ خلاف ڦرديپ ڪي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

چڪ ۾ حددخلين خلاف آپريشن، ڇپرا، دڪا ڊاهي پٽ، متاثرن جو احتجاج

اسسٽنٽ ڪمشنر لکي جي اڳواڻيءَ ۾ عملي مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪئي

ڪيترن ئي دڪاندارن جا ڇپرا ڪيرائي پٽ ڪيا ويا، متاثرن جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

چڪ (ن ع) گذريل ڏينهن چڪ شهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر لکي راجيش ڪمار، ٽائون آفيسر گوهرحسين ٿليوٽي ۽ ٽيپيدار اسلم ميمڻ جي اڳواڻي ۾ پوليس عملو ساڻ ڪري چڪ شهر جي بس اسٽينڊ ۽ ناڪي نمبر هڪ تي انڪروچمينٽ خلاف سخت آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران روڊن ۽ بازارن تي قائم ڪيل دڪانن جا ڇپرا ۽ غيرقانوني اڏا ڊاهي پٽ ڪيا ويا، آپريشن سبب شهر ۾ هلچل واري صورتحال پيدا ٿي وئي ڪارروائي دوران ڪيترن ئي دڪاندارن جا ڇپرا ڪيرائي پٽ ڪيا ويا، سامان ٽٽڻ سبب نقصان ٿيو جڏهن ته پورهيتن ۽ ريڙهي وارن روزگار متاثر ٿيڻ تي سخت احتجاج ڪيو متاثر دڪاندارن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ سوئي گئس نه هجڻ ڪري رهواسي پريشان، نوٽيس وٺي مسئلي جو مطالبو

مورو (ن ع) شهر ۾ گيس نه هجڻ سبب رهواسي سخت مشڪلات ۾ اچي ويا مورو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو جنهن جي اڳواڻي محمد ياسين ٻگهيو مقصود ميمڻ ممتاز ميمڻ حسين عزيز چانڊيو نور ميمڻ احمد ميمڻ شان دل ڏيشان ميمڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا هنن چيو ته گيس

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

چڪ: حددخلين جاٽائي اڏاوتون ڊاهيون پيون وڃن

سڪرنڊ ۾ بدامني، چوري جڙهيل، هٿياربندن جي دڪان تي ڪاهه، لکين ريين جي ڦرلٽ

ٽن هٿياربندن ڇانڊيو پيٽرول پمپ لڳ عمران ايزي لوڊ شاپ تي ڪاهه، دڪاندار ۽ گراهڪن کي يرغمال بڻايو

هٿياربند عمران راجپوت کان 5 لک ۽ ڦاٽي جي جمعدار شعبان کان 35 هزار ڦري فرار ٿي ويا

اطلاع تي ايس ايڇ او موقعي واردات تي پهچي صورتحال جو جائزو وٺي جوابدارن جي گرفتاري جو يقين ڏياريو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ لڳ روشن ڦيبول جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اسين تنگواڻي ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ٿڪي پيا آهيون پر قاتل گرفتار نه ٿيا

ايس ايس پي ڪشمور ۽ وس وارا معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن: مظاهرين

ڪنڊڪوٽ (ٻ ر) ڳوٺ سانوڻ ڦيبول ۾ 14 ڏينهن اڳ مبينا ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيل روشن ڦيبول جا قاتل تنگواڻي پوليس گرفتار نه ڪرڻ خلاف مقتول جو سئوٽ شاهد حسين ڦيبول ڪنڊڪوٽ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته 14 ڏينهن اڳ ناحق قتل ٿيل روشن علي ڦيبول جي قتل جو تنگواڻي ٿاڻي تي جوابدارن امير علي ڦيبول، سڪندر ڦيبول، محمد مراد ڦيبول کي پوليس گرفتار ناهي ڪيو اچان تائين اسين تنگواڻي ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪي پيا آهيون ايس ايڇ او اسان سان ملڻ لاءِ به تيار ناهي اسين ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ناحق قتل ٿيل

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪندو اسٽاپ تي ڊرائيس هولڊر ۽ ڳوٺاڻي ۾ جهيڙو، ٻه ڄڻا زخمي

ڪندو روڊ(ن ع) پيٽ شاهه ٿاڻي جي حد ڪندو اسٽاپ تي شاهه ڏير سان ٻي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جي هڪ ڊرائيس هولڊر ۽ ڳوٺاڻي وچ ۾ ڪنهن معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جنهن نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا خير محمد شورو علي گل ساهوال هڪ وساڻ ۽ هڪ شورو زخمي ٿي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

دوڙ واسين جي ڄڃ سان ڀريل ڪوچ سان حادثو، هڪ ڄڻو فوت، 25 کان وڌيڪ زخمي

سيد برادري جا ماڻهو ڪراچي ڄڃ ڪٺي وڃي رهيا هئا ته بکر ويجهو ڪوچ تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿي پئي

حادثي ۾ 18 ورهين جو عابدعلي شاهه ٿڏي تي دم ڏنو، عورتن ۽ ٻارن سميت 25 ڄڻا زخمي ٿي پيا

فوتي نوجوان جي مٿئين مهيني ۾ شادي جي تاريخ رکيل هئي، شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل

دوڙ (رپورٽ حاجي فيروز علي پٺاڻ) دوڙ شهر جي استار ڪالوني جي رهواسين شاهه برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهن سان روڊ حادثو پيش آيو آهي حادثو بکر جمالي ڪڏهر ٿاڻي جي حد ۾ پيش آيو جتي دوڙ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

دوڙ: حادثي ۾ زخمي ٿيل قربان شاهه خادم شاهه ڏيشان شاهه غفارشاهه ساجد شاهه بلال شاهه طاهرشاهه نصيرشاهه عابد حميد شاهه زيدشاهه سلمان اسپتال ۾ داخل آهن

صحافي جان محمد خاصخيلي جي والد حاجي علي محمد خاصخيلي جي جنازي نماز ادا

جنازي نماز رئيس بهارخان مري، عمران ميان اٽڙ اسماعيل خان مري، يعقوب خاصخيلي جي شرڪت

خان محمد لاکو، سڪندر مري، قاضي جاويد سنائي، وزير لاکو، فقير يعقوب خاصخيلي ۽ ٻين به شرڪت ڪئي

حيدرآباد جي صحافين ديدار شادگرپانگ، مختيار وڪي، پرويز ڪلپار ۽ جام عثمان وڪري ۽ ٻين تعزيت ڪئي

حيدرآباد (رپورٽر) پريس ڪلب قاضي احمد جي سينئرصحافي جان محمد خاصخيلي جووالد ۽ حيدرآباد جي سينئرصحافي غلام حسين خاصخيلي ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي فنانس سيڪريٽري جاني خاصخيلي جوماموں قاضي احمد شهر جي معزز شخصيت حاجي علي محمد خاصخيلي جي جنازي نماز قاضي احمد شهر جي ناز باغ ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ پ پ پ اڳواڻ رئيس بهارخان مري رئيس عمران ميان اٽڙ اسماعيل خان مري سماجي اڳواڻ حاجي خان محمد لاکو ڊاڪٽر سڪندر مري بلوچ پريس ڪلب قاضي احمد جوصدر رانا عبدالغفور راجپوت صحافي سائل لاکو سڪرنڊ جي سينئرصحافي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد آسيه ڪوسو جنسي زيادتي ڪيس، گرفتار ڪيل جوابدار ڪورٽ ۾ پيش

جوابدارن سميت عدالت ۾ ناري آسيه ڪوسو، سندس ڀيڻ ۽ ڏاڏي به ڪورٽ ۾ پيش ٿيا

ڄڄ پاران ڦريادڻ کان 164 تحت بيان وٺڻ بعد قلم بند ڪيا، جوابدارن پنج ڏينهن رمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي

جيڪب آباد (ٻ ر) آسيه ڪوسو جنسي زيادتي ڪيس: ايف آءِ اي پاران گرفتار ڪيل جوابدار ڪنزيومر ڪورٽ ۾ پيش، ناري آسيه ڪوسو سندس ڀيڻ ۽ ڏاڏي به ڪورٽ ۾ پيش، 5 ڏينهن جي رمانڊ تي جوابدار ايف آءِ اي حوالي خبر موجب: ناري آسيه ڪوسو جنسي زيادتي ڪيس ۾ گرفتار ٿيل جوابدارن ٻن اڳوڻن ايس ايڇ اوز محمد نواز بروهي مقصود سنجراڻي ۽ پوليس عملدارن خادم جکراڻي ياسين جکراڻي برڪت جکراڻي محراب سندراڻي عبدالنبي سامت، مير حسن ڀمبل سميت 8 ڄڻن کي ايف آءِ اي پاران جيڪب آباد جي ڪنزيومر ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو جڏهن ته ناري آسيه ڪوسو سندس ڀيڻ فرزانه ڪوسو ۽

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: عدالت ۾ پيش ٿيل آسيه ڪوسو سندس ڀيڻ ۽ ڏاڏي ٻي طرف جوابدار پوليس عملدار

ڪنڌيارو واسي نوجوان وطن جو دفاع ڪندي وانا ۾ دهشتگردن سان وڙهندي ۾ شهيد

ڳوٺ سائينداد رند واسي جوان گل بهار ولد عزيزالله رند جو مڙهه اباڻي ڳوٺ آندو ويو

آخري رسمن ۾ فوجي آفيسرن، معززن، شهيد جي وارثن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪنڌيارو (ن ع) ڪنڌيارو ويجهو ڳوٺ سائينداد رند سان تعلق رکندڙ فوجي جوان گل بهار ولد عزيزالله رند وانا ۾ دهشتگردن سان مقابلي دوران وطن جي دفاع ڪندي شهيد ٿي ويو۔شهيد جوان جو مڙهه سندس اباڻي ڳوٺ سائينداد رند، ڪنڌيارو آندو ويو جتي ڳوٺ پرسان اباڻي قبرستان پير سائينڏنو راڄاڻي ۾ فوجي اعزاز سان تدفين ڪئي وئي تدفين موقعي تي فوجي آفيسرن، علائقي جي معززن، شهيد جي وارثن ۽ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

ڪي اين شاهه لڳ صحافي جي ڀاءُ کان موٽرسائيڪل ڦر، احتجاج

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) سيتارود لنڪ روڊ تي ظفر آباد لڳ ايريگيشن متحده فيڊريشن اسپلاگير يونين چيئرمين خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب جي جوائنٽ سيڪريٽري احمد حسين پاءُ علي حسن چانڊيو کان 2 نامعلوم هٿيار بند موٽر سائيڪل موبائل فون روڪ رقم جيڪا هزارن ۾ ٻڌائي وڃي ٿي ڦر ڪري ويا آهن يونين جي اڳواڻ قاسم پريو ميڊيا کي ٻڌايو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

شهدادپور مان ڪنهي گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ احتجاج

مظاهرين حضور بخش رند، ايس ڪي ڳاهو شبير ڪوري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس ڪارڪن ڪريم رند کي بلا جواز ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

شهدادپور(ن ع) قومي ڪارڪن پراپرٽي ڊيلر ڪريم رند کي ڪنهي گم ڪرڻ خلاف سنڌس وارثن پاران قومي ڪارڪنن سان گڏ لطيف پارڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين حضور بخش رند ايس ڪي ڳاهو شبير ڪوري ۽ ٻين چيو ته قومي ڪارڪن ڪريم رند کي بلا جواز ڪنهي سول وردي ۽ پوليس اهلڪارن گڏجي گم ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته ڪريم رند پراپرٽي جو ڪم ڪندو آهي بيٺڪ مان پيسا ڪڍائي ويو پٽي ته سنڌس پاءُ کي تشدد ڪري ڇڏڻ بعد ڪيس ڪنهي گم ڪري ڇڏيو اٿن هنن چيو ته ڪريم رند سائين جي ايم سيد سان محبت ڪندڙ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ٽائون ڪميٽي پيارولنڊ جي رهواسين جو بااثرن خلاف احتجاج

ٽنڊوالهيار (ٻ ر) ٽنڊوالهيار جي ٽائون ڪميٽي پيارولنڊ جي رهواسين پاران بااثرن جي ناانصافين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي شادي شده جوڙي جميلا اوڊ پنهنجي مڙس سنيل اوڊ سان گڏ ميڊيا آڏو داتهيندي چيو ته مون تي سال اڳ سنيل اوڊ سان شادي ڪئي هئي ڪجهه مهينا اڳ گهريلو ناراضگي سبب مڙس کان ناراض ٿي ماڻتن وٽ وئي هئس جتي منهنجي ماڻتن اسان جي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

دوڙ ۾ سڪرنڊ واسي راهول جنڊاوڙو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

مظاهرين ستراس، راڄ ڪمار مولچند، راشد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

قاتلن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

دوڙ(ن ع) دوڙ ۾ جنڊاوڙا برادريءَ جي ماڻهن رات جي وقت پريس ڪلب اڳيان سڪرنڊ ۾ بي دردي سان قتل ڪيل معصوم شاگرد راهول جنڊاوڙو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين ستراس راڄ ڪمار مولچند، ۽ جسقم بشير خان سٽي دوڙ جو صدر راشد بروهي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٻن هفتن گذرڻ وڃڻ بعد به معصوم راهول جا قاتل سڪرنڊ پوليس گرفتار نه ڪري سگهي آهي نه ئي قاتلن بابت ڪا معلومات حاصل ڪري سگهي آهي آخر معصوم جا قاتل ڪير آهن جن بي دردي سان معصوم کي قتل ڪري ڇڏيو هنن چيو ته سڪرنڊ پوليس

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

شهدادپور جي صحافي اسلم آزاد خاصخيلي جو پيئاير لاڏاڻو ڪري ويو

شهدادپور(ن ع) پريس ڪلب شهدادپور اطلاعات سيڪريٽري سينئير صحافي اسلم آزاد خاصخيلي جو پيئاير(ماسات) پوليس کاتي جو رٽائرڊ اسپيڪٽر عبدالستار خاصخيلي، رٽائرڊ پرائمري استاد غلام مصطفيٰ عرف مشتاق خاصخيلي جو وڏو ڀاءُ ڳوٺ جو نيڪ مرد معزز شخصيت محمد صفر خاصخيلي اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران جوابدار کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مهراڻ نيشنل هاءِ وي تان جوابدار محرم ميتلو کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

جوابدار وٽان ٻه ڪلاشنڪوف ۽ 800 گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور)خيرپور پوليس مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي ڪامياب ڪارروائي ڪندي ڏاڙيل گروهن کي هٿيار فراهم ڪندڙ جوابدار محرم ميتلو کي گرفتار ڪري ورتو آهي جوابدار وٽان ٻه ڪلاشنڪوف ۽ 800 گوليون هٿ ڪيون ويون آهن.اي ايس پي عبدالله فيصل ڪنب ٿاڻي تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته خيرپور پوليس کي اطلاع مليو هو ته ڪار ۾ سوار جوابدار محرم ميتلو مهراڻ نيشنل هاءِ وي رستي نوابشاهه طرف وڃي رهيو آهي، جنهن تي پوليس ناڪابندي ڪري شڪي ڪار کي روڪيو ۽ جوابدار کي گرفتار ڪيو.اي ايس پي موجب گرفتار جوابدار ڏاڙيل گروهن جو سهولتڪار آهي.

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: اصيل ڪڪڙ هڪ ٻي کي ڌڪ هڻي رهيا آهن

ٺٽي پوليس جون ڪارروايون، چوري ۽ ڦر ٿيل 20 موٽرسائيڪلون هٿ، ٻن جوابدار گرفتار

ٺٽو(ٻ ر) ٺٽي ضلعي جي پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي چوري ۽ ڦر ٿيل 20 موٽر سائيڪلون برآمد ڪري گينگ جي ٻن مک جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ٺٽي شهر ۾ مختلف وارداتون ڪندڙ 3 جوابدار به گرفتار خبر موجب ڊي ايس پي هيڊڪوارٽر ٺٽو وحيد لاڙڪ ڊي ايس پي يو ٽي ٺٽو واجد اڪبر عباسي، ٺٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او ضياء نوناري، مڪلي ٿاڻي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ عورت آٽوبان روڊ جي تعميراتي ڪم ۾ مزدوري ڪري رهي آهي

نادر جمالي کي هڪ ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ قتل ڪيو ويو آهي: خادم جمالي

ايس ايس پي نادو اسان جي شاهدن کي جاني مالي نقصان ڏيڻ جو ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

شهيد جي ڀاءُ بابر جمالي کي پڻ ڪيس تان هٿ ڪڍڻ جو ڌمڪيون ملي رهيو آهن

دادو(ٻ ر) دادو ۾ پوليس مقابلي ۾ ظلم بيدردي سان قتل ڪيل نادر جمالي جي وارثن خادم جمالي ۽ بابر جمالي دادو بار لائبيري ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته 7 جنوري تي نادر جمالي کي هڪ ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ قتل ڪيو ويو آهي جنهن جي انصاف لاءِ اسان 20 ڏينهن کان سفر ڪري رهيا آهيون ، 12 ۽ 18 جنوري تي دادو سميت سجي سنڌ ۾ نادر جمالي جي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

بدين بار ايسوسيئيشن 2026ع جون چونڊون، فريڊمس ۽ امير آزاد گروپن ۾ مقابلو

صدر لاءِ احسان پرڳڙي ۽ جنرل سيڪريٽري علي اصغر چانگ فريڊمس گروپ جا اميدوار

سينئر ايڊووڪيٽ زيشان انيس جرڙيجو پاران فريڊمس گروپ جي مڪمل حمايت جو اعلان

بدين (ٻ ر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن بدين جي سال 2026 لاءِ چونڊن جون سرگرميون زور شور سان جاري آهن چونڊن ۾ سينيئر ايڊووڪيٽ رياض مصطفيٰ آرائين لالا دلدار پٺاڻ ۽ سينيئر ايڊووڪيٽ قاضي حسين الهي فريڊمس گروپ طرفان صدر لاءِ اميدوار احسان پرڳڙي جنرل

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

قبوسعيد خان ۾ پيرا ميڊيڪل اڳواڻ کان ڦريل سامان جي واپسي لاءِ ٻئي ڏينهن احتجاج

ملازمن او پي ڊي بند ڪري سلطان لانگاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ميرحسن ڪڇي کان ڦر ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو

قبوسعيد خان (ن ع) قبوسعيد خان پاڪستان پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن قبوسعيد خان جي يونين صدر مير ميرحسن ڪڇي کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل موبائل فون، روڪ رقم سميت ٻيو قيمتي سامان ڪن مهينن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود رڪور نه ٿيڻ خلاف احتجاج جو سلسلو جاري آهي اڄ ٻئي ڏينهن به مير حسن ڪڇي ۽ ذوالفقار بروهي جي اڳواڻي ۾ پيرا ميڊيڪل عملي اسپتال جي او پي ڊي بند ڪري اسپتال ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ ڌرڪو هڻي ويهي رهيا. ان موقعي تي پيرا ميڊيڪل تعلقه صدر مير حسن ڪڇي، سلطان لانگاهه، آيت الله بروهي، ذوالفقار بروهي، عبدالجبار ڪوسو وسيم ڪوسو ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڦليلي ۾ ايل گندي پاڻي مان ٻارڙا ڪم جهيڙيون شيون ڪڍي رهيا آهن

پيپلز پارٽي عوام خاطر پنهنجو هميشه خون وهايو آهي: جاويد علي شاهه جيلاني

دنيا جون حالتون خراب آهن هڪ قوم ٿي ملڪ کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي

تڪ ۾ اسڪيمون ڏنيون آهن وس آهر عوامي مسئلا حل ڪري رهيا آهيون

هنگورجا (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني چيو آهي ته پيپلز پارٽي عوام خاطر پنهنجو هميشه خون وهايو آهي دنيا جون حالتون خراب ٿيندي نظر پيون اچن هڪ قوم ٿي ملڪ کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي دنيا ۾ معاشي جنگ هلي رهي آهي هي وقت سياست جو نه پر ملڪي ادارن کي مضبوط ڪرڻ جو وقت آهي ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني پنهنجي رهائش گاهه تي تڪ جي ماڻهن سان

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ۾ سيپڪو پاران رينجرس جي مدد سان بجلي چورن ٻاقيدارن خلاف آپريشن

انجنيئر منصور احمد پنهور جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪئي

غيرقانوني هلندڙ سوين ڪنيڪشن ڪاٽي ٻاقيدارن کان لکين رپيا وصول ڪيا ويا: عملدار

سيٺارجا /ٺري ميرواهه(نمائندن وٽان) سيٺارجا ۾ سيپڪو پاران رينجرس جي مدد سان ٻاقيدارن ۽ بجلي چورن خلاف آپريشن، سوين ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا،ڪيترائي ٻاقيدار گرفتار،لکين رپين جي وصولي ڪئي وئي تفصيلي خبر موجب سيپڪو سيٺارجا سب ڊويزن پاران ايگزيڪيوٽو انجنيئر سيپڪو راڻي پور منصور احمد پنهور، ايس ڊي او سيپڪو سيٺارجا شفقت علي پيلار جي اڳواڻي ۾ رينجرس جي مدد سان بجليءَ جي ٻاقيدار ۽ بجلي چوري

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ ۾ خردبرد واري معاملي تي ڪارروائي جو حڪم

تعليم واري وزير سردار شاهه اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي آفيسرن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏنو

6 آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس، 15 ڏينهن اندر فرنيچر ۽ سامان جمع ڪرائڻ جو حڪم

جيڪب آباد (ٻ ر) جيڪب آباد ۾ اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ ۾ خردبرد واري معاملي تي سنڌ جي صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي آفيسرن خلاف ڪارروائي جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي خبر موجب: سنڌ جي صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه انڪوائري ليٽر جاري ڪندي جيڪب آباد جي اسڪولن ۾ اسپيسفڪ بجيٽ جي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: آٽوبان روڊ تي ترقياتي ڪم ٿي رهيو آهي

ڪڪڙ ۾ هٿرادو گئس لوڊشيڊنگ ۽ لو پريشر خلاف شهرين جو احتجاج

هڪ سال کان هٿرادو لوڊ شيڊنگ ۽ لو پريشر جو سلسلو هلندڙ آهي: مظاهرين

رڌ پچاءُ وقت هڪ ڪلاڪ لاءِ گئس اچي ٿي اها به لو پريشر هوندي آهي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر ۾ هٿرادو لوڊ شيڊنگ ۽ لو پريشر جي آزار سبب شهري گئس انتظاميا جي لاپرواهي ۽ نااهلي سبب احتجاج مظاهرو ڪري نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي محمد رمضان ببر عبدالرزاق نوڏاڻي، مولاداد ، برڪت علي جويو نديم ملاح، نثار احمد، ممتاز علي، احسان مري ۽ ٻين ٻڌايو ته ڪڪڙ شهر ۾ مسلسل هڪ سال کان هٿرادو لوڊ شيڊنگ ۽ لو پريشر جو سلسلو هلندڙ آهي جنهن سبب اسان سخت پريشاني ۾ مبتلا آهيون شهرين وڌيڪ ٻڌايو ته لوڊ شيڊنگ جو ڪو وقت مقرر ناهي جڏهن ته پوري ڏينهن ۾ رڌ پچاءُ جي وقت کان پوءِ هڪ ڪلاڪ لاءِ گئس اچي ٿي اها به لو پريشر ۾ هوندي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

راڏڻ ۾ سيپڪو بجلي چورن ۽ ٻاقيدارن خلاف ڪارروائي، هزارين رپيا ڏنڊ وصول

راڏڻ (ن ع) راڏڻ جي سيپڪو ايس ڊي او احمد رضا رينجرس ۽ پوليس ساڻ ڪري راڏڻ شهر جي مين شاهي بازار ڪار اسٽاپ دادن فقير شاپنگ سينٽر سونارا بازار حسيني چوڪ ۽ شهر جي ڪيترن محلن ۾ سيپڪو راڏڻ سب ڊويزن طرفان بجلي جي بقايا جات وصولي لاءِ ڪارروائي ڪري هزارين رپيا ڏنڊ وصول ڪيا خبر موجب سيپڪو ايس ڊي او راڏڻ محمد احمد رضا

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ پنهور برادريءَ جي ماڻهن پوليس جي ناانصافين خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين يعقوب، انثار، جاڙن صدام، عبدالحميد ، مجاهد ۽ ٻين احتجاج ڪيو

گهرن تي چڙهائي خلاف درخواست ڏيڻ تي پوليس جيڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ سيد اپريو شاهه جي رهواسين پنهور برادريءَ جي ماڻهن پوليس جي ناانصافين ۽ گهرن تي چڙهائي ڪري نوجوان ڪنهي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي يعقوب پنهور انثار پنهور جاڙن صدام عبدالحميد پنهور مجاهد، اصغر غلام قادر رحيم سڪندر شاهد، فدا پنهور ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جتي هنن چيو ته هڪ هفتو اڳ اسان جي گهرن تي پوليس چڙهائي ڪئي جنهن جي سيشن ڪورٽ ۾ 22 اي ٻي داخل ڪئي ته پوليس مجرجي اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪئي ۽ چار نوجوان ڪنهي ڪئي وٺي جن مان هڪ کي آزاد ڪيو ويو باقي ڪن مان

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

راڄوخاناڻي: پريس ڪلب جي صدر امان الله نظاماڻي جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

راڄوخاناڻي (ن ع) پريس ڪلب راڄوخاناڻي جي صدر، سينئر صحافي امان الله نظاماڻي ، سيف الله نظاماڻي ، جاويد نظاماڻي ۽ راشد نظاماڻي جو والد رئيس غلام الله نظاماڻي ڪجهه عرصو بيمار رهڻ کان پوءِ انتقال ڪري ويو ڪيس سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ، جنازي ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ، واپارين ، شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هئي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ريڙها مزدور يونين پاران انتظاميا خلاف احتجاجي ريلي

مظاهرين شهباز ڦلپوٽو، عبدالوهاب شيخ، رستم علي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

انتظاميا حددخليون هٽائڻ جي آڙ ۾ بيروزگار ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(ٻ ر) خيرپور ۾ ريڙها مزدور يونين طرفان حددخليون هٽائڻ جي آڙ ۾ پورهيتن کي بيروزگار ڪرڻ واري عمل خلاف ريڙها ڪاهي ڦول باغ کان ريلي ڪڍي ڪچهري روڊ آڏو احتجاج ۽ سخت نعريبازي ڪئي جڏهن ته ريلي جي اڳواڻي پورهيت اڳواڻ ڪامريڊ شهباز ڦلپوٽو عبدالوهاب شيخ رستم علي مير خان ناريجو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي مظاهرين صحافين کي ٻڌايو ته خيرپور ضلعي انتظاميه ۽ ميونسپل ڪاميٽي جا عملدارن شهر جي مختلف علائقن ۾ انڪروچمينٽ هٽائڻ لاءِ ريڙها هلائيندڙ سوين پورهيتن کي بيروزگار ڪيو آهي هوڏانهن ميونسپل انتظاميه چيو ته خيرپور شهر مڪمل طور تي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

باڊهه واسي خاصخيلي اتحاد اڳواڻ ڪامريڊ جمال الدين خاصخيلي لاڏاڻو ڪري ويو

باڊهه (ن ع) خاصخيلي اتحاد اڳواڻ ۽ باڊهه تعلقه سوومينٽ جو جاڳوڙي ڪردار ڪامريڊ جمال الدين خاصخيلي ڪجهه عرصو جگر جي مرض ۾ مبتلا رهڻ بعد 55 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو جمال خاصخيلي ماضي ۾ شاگرد سياست ۾ سرگرم رهندي ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽالهي ۾ ريلوي جي سرڪاري پلاٽن تي مبينا ٿيل قبضن خلاف ڪارروائي، احتجاج

ڳري مشين ذريعي ڪيترا پڪا دڪان ٽوڙ ڪچا دڪان ڇپرا ڊاهي پٽ ڪيا ويا

بنا ڪنهن نوٽيس جي ڪارروائي ڪري اسان جو لکين رپين جو نقصان ڪيو ويو: شهري

ٽالهي (ن ع) ٽالهي ۾ ريلوي جي سرڪاري پلاٽن تي مبينا ٿيل قبضن حد دخلين خلاف ڪارروائي ڪئي وئي ڪارروائي ريلوي عملدار شاهد حسين ٻگهيو جي اڳواڻي ۾ ڪئي وئي ڪارروائي دوران ريلوي جي سرڪاري زمين تان هائي وي مشين ذريعي ڪيترا پڪا دڪان ٽوڙي ڪچا دڪان ڇپرا ڊاهي پٽ ڪيا ويا، انهي سلسلي ۾ ريلوي عملدار شاهد حسين ٻگهيو جو چوڻ هو ته ريلوي جي سرڪاري پلاٽن تي ٿيل غيرقانوني اڏاوتن حد دخلين خلاف هي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ريلوي جي سرڪاري زمين تي ٿيل غيرقانوني جيڪي اڏاوتون ڪيون ويون آهن هنن کي ڊاهيو پيو وڃي ريلوي جي سرڪاري زمين

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گڙهي ياسين ۾ اي سي ڇاپا هڻي ايل پي جي گئس جي 5 دڪانن کي سيل ڪري ڇڏيو

گڙهي ياسين (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر گڙهي ياسين انور علي خاصخيلي شهر اندر گيس سلينڊر جي دوڪانن تي ڪارروائي ڪندي 5 دوڪاندارن بسم الله ايل پي جي، بخش علي جکرو، اخلاق پٺاڻ، عبدالحڪيم عرف بابڙو لکڻ آفتاب

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽالهي: حددخليون جاٽائي اڏاوتون ڊاهيون پيون وڃن

سيد منور علي، بشير احمد شاهاڻي ۽ فرحين محمود ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سينئر چيف لائبريرين طور مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران سيد منور علي کي 20هين گريڊ جي آفيسر طور مليا گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شاهه فيصل ڪالوني ڪورنگي ۾ سينيئر چيف لائبريرين طور مقرر ڪيو ويو آهي سيڪريٽري سروسز موجب بشير احمد شاهاڻي کي سينيئر چيف لائبريرين طور گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لطيف آباد ۽ مس

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ حلقئہ ياران سخن پاران جاري رهندڙ جشن ٽنڊوآدم پڄاڻي تي پهتو

مشاعري ۾ ملڪ جي مختلف علائقن مان آيل شاعرن پنهنجا ڪلام پيش ڪيا

شرڪت ڪندڙن جشن ٽنڊو آدم کي ادبي دنيا لاءِ هڪ روشن ۽ دلڪش يادگار قرار ڏنو

ٽنڊوآدم (ن ع) حلقئہ ياران سخن جي اهتمام هيٺ پنج ڏينهن جاري رهندڙ جشن ٽنڊو آدم جي آخري ڏينهن مشاعريءَ جي حسين محفل سان اختتام ٿيو جنهن ۾ سڄي ملڪ مان نامور شاعرن پنهنجي ڪلام سان دلين کي ڇهي ڇڏيو مشاعرو معروف شاعر ظفر يوپالي جي اعزاز ۾ منعقد ڪيو ويو جيڪو جشن ٽنڊو آدم جي اختتامي تقريب جو مرڪزي ۽ يادگار حصو رهيو مشاعري جي صدارت سيد ساجد رضوي ڪئي جڏهن ته اڳوڻو سينيٽر ملڪ امام الدين شوقين مهمان خصوصي ۽ ميونسپل چيئرمين چاچا "غلام مرتضيٰ جوڻيجو مهمان اعزازي طور موجود هئا ادبي محفل ۾ شاعري جي هر مصرعي مان

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ جسم پاران ممتاز بروهي جي رهوڙي تي تعزيت ميڙاڪو، لفظن جي پيتا پيش

مورو (ن ع) جيئي سنڌ محاذ تعلقه مورو طرفان قومي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ جيئي سنڌ محاذ جو سينئر ساٿي ممتاز بروهي جي رهوڙي تي ڪيس کي پيتا ڏيڻ جي لاءِ محاذ هائوس مورو تي تعزيت ميڙاڪو رکيو ويو جتي ممتاز بروهي جي تصوير آڏو ڏيئا ٻاري ڪيس کي پيتا ڏني

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ ريڻ شاخ جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف آبادگارن جو ٻئي ڏينهن به احتجاج

مظاهرين عبدالقادر جيلاني، محمد بچل ڏهيو، نظام ڪوسو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ريڻ شاخ کي گذريل پنجن سالن کان ڪاٽي نه ٿيڻ ڪري فصل سڪي رهيا آهن: مظاهرين

سڪرنڊ (ن ع) ريڻ شاخ جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف اڄ ٻئي ڏينهن به ايريگيشن جي سب ڊيويزن سڪرنڊ جي گيٽ جي آڏو سڪرنڊ شاخ ۽ راحب شاهه شاخ جا هاري ۽ ڪاتيدار عبدالقادر جيلاني ، محمد بچل ڏهيو ، نظام ڪوسو ۽ ٻيا ڌرڻو هڻي ويٺا متاثر هارين ۽ ڪاتيدارن سان يڪجهتي لاءِ شهري اتحاد جي سانول ڪيريو ۽ همت علي خاصخيلي ڪئمپ تي پهتا جن صحافين سان ڳالهائيندي ڪاتيدارن جي حمايت ڪندي سنڌ حڪومت کان ريڻ شاخ جي مٿين کان ڪاٽي ڪٽائي پڇڙي تائين شاخ جو پهچائڻ جو مطالبو ڪيو پئي پاسي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.